# قلوپطره

بيدل مسرور



www.sindhsalamat.com

# قلوپطره

## بيدل مسرور

***فرعون جي ديس مصر ۾ اڄ کان لڳڀڳ ٻه هزار سال اڳ، هڪ اهڙي نينگريءَ جنم ورتو جنهن جي باري ۾ان وقت شايد ڪنهن بہ نہ ڄاتو تہ اها نينگري، عالمي تاريخ ۾ هڪ اهڙو نمايان مقام حاصل ڪندي جيڪو تمام گهٽ ماڻهن کي نصيب ٿيندو آهي. پنهنجي پيءُ جي مرڻ کانپوءِ مصر جي حڪمران بڻي ۽ ان دور جي روم جهڙي سپر پاور طاقتور سلطنت جي لاءِ هڪ مسئلو بڻجي وئي. روم جي ٻن نهايت وڏن ۽ طاقتور حڪمرانن سان شادي ڪيائين ۽ جيسيتائين بہ جيئري رهي، پنهنجي پوري شاهي جاهہ ۽ جلال سان زندهہ رهي.***

**عالمي تاريخ جي هڪ غيرمعمولي ڪردار، مصر جي ملڪ قلوپطره جي جيون ڪٿا**

فرش تي نهايت حسين ۽ قيمتي قالين وڇايل هئا. جنهن جي هڪ ڪنڊ تي هڪ خوبصورت ۽ نازڪ بدن عورت ليٽيل هئي. ان وقت ڪمري ۾ هڪ قداور ۽ طاقتور غلام ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ موجود نہ هو. هن جو ڪارو بدن چمڪي رهيو هو ۽ سندس هر عضوي مان هڪ ڀرپور توانائي ڦاٽ ڪائيندي نظر ٿي آئي. هو غلامن جي ان قسم منجهان هو جيڪي پنهنجي آقائن جي حڪم تي اکيون ٻوٽي تعميل ڪندا آهن. اهو سوچڻ ڪانسواءِ ئي تہ سندس آقائن ڪيس پنهنجي سري وڍي ڏيڻ جو حڪم ڏنو آهي، پر ان وقت سندس مالڪياڻيءَ جيڪو حڪم ڪيس ڏنو هو، ان تي پريشان ٿيڻ کان وڌيڪ هو حيران ضرور ٿيو هو.

" تو ٻڌو ڪونہ." عورت جو رعبدار آواز گونجيو.

"ملڪ عالم!" غلام، پنهنجي جسم جي پوري ٻل کي سهيڙيندي چيو. "غلام ان حڪم جي سبب کي سمجهڻ کان قاصر آهي."

" تنهنجي اها جرعت." عورت غضبناڪ ٿيندي اٿڻ لڳي تہ غلام جو سمورو جسم ڏڪي ويو ۽ ڏڪندي ئي هو منهن ڀر زمين تي ڪري پيو.

"ملڪ عالم! اوهان کي غلام جي زندگيءَ تي پورو اختيار آهي، پر جيڪو حڪم اوهان ڏنو آهي، ان سان خود اوهان جي زندگي خطري ۾ پئجي ويندي."

"تنهنجو ڪم حڪم جي تعميل ڪرڻ آهي." الائي تہ ڇو عورت جي ڪاوڙ ڪجهہ قدر گهٽجي وئي، نہ تہ تہ اهڙي قسم جي گستاخي ڪرڻ وارا هن جي آڏو وڌيڪ وقت زندهہ رهي نہ سگهندا هئا.. هو قالين تي ٻيهر ليٽي پئي، "اسان کي هن ۾ ويڙهي وٺو."

هڻ ٻيري غلام حڪم جي تعميل لاءِ اڳتي وڌيو، هن ڄاتو ٿي تہ سندس حياتيءَ جو مدار ان تي آهي تہ ان



www.sindhsalamat.com





www.sindhsalamat.com

عورت کي سندس چيل هنڌ تائين حفاظت سان پهچائي ڇڏي.

هن نرميءَ وچان قالين کي ويڙهڻ شروع ڪيو. جنهن جي وچ ۾ سندس حسين ۽ نازڪ بدن مالڪڻ ليٽيل هئي. ان وقت سندس حوصلو جبلن کي ڏاري وجهڻ جهڙو هو. غلام قالين کي گولائيءَ ۾ اهڙي طريقي سان ويڙهي ورتو جو ان کي ڏسڻ سان ٿورو به شڪ ڪونه پئي ٿيو ته ان جي اندر ڪير ويڙهيل به آهي. هونئن به اها عورت ڪنهن اڻ ٽڙيل ڪليءَ جيان مختصر بدن واري هئي.

ٿوري دير بعد اهوقالين سندس جان نثار غلام اپالو ڊورس هڪ ننڍي ٻيڙيءَ ذريعي اسڪندريه جي بندرگاهه ڏانهن ڪٺي ويو. ٻيڙي آهستگيءَ سان شاهي محل جي ڏاڪڻ سان لڳي بيٺي. غلام قالين ڪلهي تي کڻي، ٻيڙيءَ مان لٿو. پر اڃان ڏاڪڻ تي ئي هو ته پهريدار کيس روڪي ورتو.

”ڪير آهين؟ ۽ هي ڇا پيو کڻي وڃين؟“

”مان شاهه جو غلام آهيان ۽ ان جي پاران عظيم رومي فاتح لاءِ هي تحفو کڻي ٿو وڃان.“ غلام چيو.

پهريدار تلاشي وٺڻ کانسواءِ ئي کيس وڃڻ ڏنو. اندر محل ۾ به ڪيترن جاين تي کيس روڪيو ويو ته به هن انهن کي اهو ئي جواب ڏنو. آخرڪار هو هڪ عاليشان خواب گاهه تائين پهچي ويو. جتي هڪ اڌڙوٽ عمر جو مگر سهڻو ۽ باوقار شخص ويٺل هو ۽ ارغواني شراب مان لطف اندوز ٿي رهيو هو. غلام جهڪي کيس عزت ڀريو سلام ڪندي چيو. ”غلام فاتح عالم جي خدمت ۾ هڪ تحفو پيش ڪرڻ ٿو چاهي.“

”اجازت آهي.“ اڌڙوٽ عمر جي ان شخص کيس چيو.

اجازت ملندي ئي غلام، قالين فرش تي رکي ان کي کولڻ لاءِ اڳتي ريڙهي ڇڏيو. قالين کلندي ان شخص جي پيرن تائين وڃي پهتو ته هن، ان ويڙهيل قالين مان هڪ حسين عورت کي نڪرندي ڏٺو ته حيران ٿي ويو. ها عورت تاريخ ۾ ملڪه قلوپطره جي نالي سان مشهور ٿي ۽ اهو اڌڙوٽ عمر جو شخص رومي فاتح جوليس سيزر هو.

..........

مسيح کان پهرين واري دور جو اختتام ٿي رهيو هو ۽ دنيا جي نقشي ۾ ڏاڍي تيزيءَ سان تبديليون اچي رهيون هيون.

تهذيب جو هڪ تاريخي ڳڙهه، مصر، خود زوال پذير هو. دنيا ۾ تمام گهڻو عرصو بادشاهت جي اثر هيٺ رهندڙ هي خطو، سدائين پنهنجي زرخيزيءَ جي ڪري، ويجهين سمورين قومن جي لالچي نگاهن جو مرڪز پئي رهيو هو. پر جيستائين هتي طاقتور خاندان حڪومت ڪندا رهيا، تيستائين ڪنهن کي مصر ڏانهن اک کڻڻ جي جرعت ڪانه ٿي هئي، بلڪ هو پر وارن ملڪن کان خراج وصول ڪندو رهيو هو.


www.sindhsalamat.com

مصر تي ڪل ٽيهن شاهي خاندانن حڪومت ڪئي. پر چويهين خاندان کان پوءِ ئي مصر هڪ بين الاقوامي يتيم واري صورت اختيار ڪري ورتي هئي.

سڪندراعظم جي بطليموس نالي هڪ لائق جرنيل مصر کي فتح ڪيو هو. جنهن جي ڪري سڪندراعظم جي مرڻ کانپوءِ هن موقعي جو فائدو وٺندي مصر تي قبضو ڪري ورتو. ظاهري طور تہ هن پاڻ کي گورنر قرار ڏنو. پر جلد ئي چولو مٽائي پاڻ کي بادشاہ سڏائڻ لڳو. اهڙيءَ ريت بطليموس خاندان جو بنياد پيو. هن خاندان جي ابتدائي حڪمرانن وڏي جرعت ۽ بيداريءَ جو ثبوت ڏنو. انهن مصر جي سماجي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ دخل اندازي ڪرڻ کان پاسو ڪري پاڻ کي رڳو حڪومتي معاملن تائين محدود رکيو.

بطليموس پهرين پنهنجي گاديءَ جو هنڌ اسڪندريہ کي بنايو. سڪندراعظم جي نالي سان نهيل هي شهر، مصر جي اتر اولهہ ۾ نيل نديءَ جي ڊيلٽا واري حصي کان اٽڪل ہ سئو ميلن جي مفاصلي تي بحيرہ روم جي ڪناري تي آباد هو. جنهن کي خاص منصوبابنديءَ سان آباد ڪيو ويو هو. جيڪو سنڌ جي موهين واري دڙي کان پوءِ پيو شهر هو. جنهن جي تعمير ۾ شهري سماجي رهڻي ڪهڻيءَ واري منصوبابنديءَ جي اصولن کي استعمال ڪيو ويو هو.

پوءِ جا بطليموس حڪمران بلڪل سست ۽ نااهل ثابت ٿيا. اهي عياشين ۾ ايترو بدمست هئا جو انهن کي ملڪ جي نظام هلائڻ جو ٿورو بہ خيال نہ هو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو مصر تي روم جي سلطنت جو منحوس پاڇو گهرو ٿيندو ويو ۽ مصر روم جو باج گذار ٿي ويو.

بطليموس ٽيرهون، عيش عشرت جو ڪوڏيو هو. هن جي ڪوشش هئي تہ پنهنجي زندگيءَ ۾ جيترو بہ عيش ڪري سگهي، ڪري وٺي ۽ روم کان مهلت وٺندو رهي. پلي تہ ان لاءِ ڪيس سموري مصر کي لٽائي برباد ڇو نہ ڪرڻو پوي.سن 65 قبل مسيح ۾ روم، جوليس سيزر جي قيادت هيٺ مصر تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. پر الاٽي ڇو هو ان منصوبي تي عمل ڪري نہ سگهيو. ٻن سالن کانپوءِ رومين شام تي قبضو ڪري ورتو. جنهن ڪري مصر تن پاسن کان سندن گهيري ۾ اچي ويو هو. انهن ڏينهن ۾ رومي سينيٽ، پومپي اعظم ۽ جوليس سيزر جي هٿن ۾ ڪيڏوٽو بڻيل هئي. روم جي حمايت حاصل ڪرڻ جو مطلب، پومپي يا سيزر مان ڪنهن هڪڙي جي حمايت حاصل ڪرڻ هو.

ان وقت مصر جي عوام پنهنجي بادشاہ جي خلاف بغاوت ڪري ڇڏي. بي همٿ بادشاہ، بغاوت کي منهن ڏئي نہ سگهيو ۽ مصر مان ڀڄي فرار ٿي ويو ۽ روم پهتو تہ جيئن اتي جي حمايت



www.sindhsalamat.com

حاصل ڪري پنهنجي بادشاهت واپس وٺي سگهي. انهن ڏينهن ۾ جوليس سيزر فرانس ۾ هو ۽ پومپي روم ۾ موجود هو. هن بادشاهه کي پنهنجي ذاتي جاگير تي اچڻ جي دعوت ڏني. ٻئي پاسي بادشاهه جي وچڻ ڪانپوءِ سندس وڏي ڌيءَ برنيس چوٿين حڪومت جون واڳون سنڀالي ورتيون هيون ۽ مصر جي عوام کيس پنهنجي ملڪ تي تسليم ڪري ورتو هو. ملڪ ۽ ان جي پيڻ قلوپطره چهيس. بادشاهه جي پهرين گهر واريءَ مان چاول هيون. جڏهن ته ٻيءَ زال مان کيس چار ٻار هئا. جن ۾ ٻه پٽ ۽ ٻه ڌيئر هيون. جن مان هڪڙي قلوپطره ستين هئي ۽ اهائي تاريخ جي مشهور هستي آهي جيڪا هن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار آهي.

هونئن ته گهٽ ۾ گهٽ ڪري اتي ڪيترين ئي عورتن جا نالا قلوپطره هئا. پر هي بطليموس خاندان جي ستين ۽ آخري قلوپطره هئي، جنهن تي ان جي خاندان جو نالو به ختم ٿي ويو.

رومين تخت کان محروم بادشاه جي مدد ڪئي. پيءُ ۽ حڪومت تي ويٺل ڌيءَ ۾ اقتدار لاءِ سخت جنگ لڳي جنهن ۾ برنيس چوٿين پنهنجي مڙس سميت مارجي وئي ۽ بطليموس ٻارهون وري بادشاهه بڻجي ويو. پنهنجي پيءُ جي واپسيءَ ۽ ٻيهر تخت نشينيءَ جي وقت قلوپطره چوڏهن يا پندرهن سالن جي هئي. يوناني هئڻ جي ڪري حسن ۾ به بي مثال هئي. مصر جي گرم علائقي جي ڪري هن جو رنگ به ڳاڙهسرو هو. سونهري ۽ ڳاڙهسرا وار، نيريون اکيون، سهڻو نڪ ۽ انتهائي دلڪش جسم، جيڪو اڄ به يونانين جي حوالي سان مشهور آهي، جن کي ڏسي يورپ وارن پنهنجي ديوين ۽ ديوتائن جا بت ٺاهيا هئا، جڻ اهي ڪي عام انسان نه پر ڪي ديويون ۽ ديوتا هجن.

مصر جا اقتدارپرست حڪمران عيش عشرت ۾ ايترا ته ڪاهي پيا ۽ انهن اهڙا ڪارناما ڪيا جو رومين جي بي حيائين جي قصن کي جائز قرار ڏيڻ وارا تاريخدان به حيران ٿي ويا. اقتدار جي لالچ، بطليموس خاندان جي دلين کي ايترو ته سخت ڪري ڇڏيو هو، جو پيءُ پٽ کي ۽ پٽ پيءُ کي، بلڪ مائرن، ڀيڻن ۽ ڀائرن کي به بيدڙڪ قتل ڪري ڇڏيو.

قلوپطره کي پيءُ سميت پنهنجي سمورن مائٽن سان سخت نفرت هئي. پنهنجي ڀيڻ برنيس چوٿين جي قتل ڪانپوءِ هوءَ پاڻ کي مصر جي تخت جو جائز حقدار سمجهڻ لڳي هئي، مگر سندس پيءُ چاهيو ٿي ته قلوپطره پنهنجي ڀاءُ سان گڏجي تخت تي ويهي. هن پنهنجي وصيعت نامي ۾ اهو ئي لکيو ۽ اهو روم جي سينيٽ ڏانهن اماڻي ڇڏيو ته جيئن ان تي عمل ڪرايو وڃي، ته سندس مرڻ کان پوءِ ڪٿي تخت جا وارث پاڻ ۾ وڙهي نه مرن ۽ مصر تي روم جو قبضو ٿي نه وڃي.

سن 51 قبل مسيح ۾ بطليموس ٻارهون گذاري ويو. قلوپطره.



www.sindhsalamat.com

مجبوريءَ وچان پيءُ جي وصيعت نامي کي قبول ڪيو. جيئن تہ خون جي رشتن ۾ ازدواجي تعلق رکڻ مصر جي عام روايت رهي هئي، انڪري بادشاهہ باوجود يوناني هئڻ جي، وصيعت ۾ اهو شرط بہ رکيو هو تہ قلوپطره ۽ ان جو ڀاءُ پاڻ ۾ شادي ڪري، زال مڙس جي حيثيت ۾ مصر تي حڪومت ڪندا. بطليموس يوناني هو پر اقتدار کي پنهنجي خاندان وٽ برقرار رکڻ لاءِ هن مصر جي ان قبيح رسم کي بہ قبول ڪري ورتو هو. ٻين عام رواجن جيان مصر ۾ تخت جو وارث سڀ کان وڏو پٽ نہ پر سڀ کان وڏي ڌيءُ هوندي هئي، جنهن ڪري تخت تي قبضو ڪرڻ لاءِ نابالغ شهزادي وٽ بس اهائي هڪڙي صورت بچيل هئي تہ هو پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪري وٺي. آخرڪار ٿيو بہ ائين جو قلوپطره ۽ شهزادي بطليموس چوڏهين جي پاڻ ۾ شادي ڪرائي وئي ۽ اهي ٻئي گڏجي حڪومت ڪرڻ لڳا.

هنن ٻنهي جي شادي بس نالي ماتر ئي هئي ڇاڪاڻ تہ شهزادو اڃا جوان ئي نہ ٿيو هو. هن جو نگران هڪ پوتي نوس نالي ڪدڙو هو. جيڪو وڏو عيار ۽ سازشي شخص هو. هڪ ٻيو شخص ٿيوڊوٽس نالي اطاليق هو جيڪو يوناني طبيب بہ هو ۽ دربار ۾ بہ ڪيس خاص اهميت حاصل هئي. ٽيون هو ايڪسيلاس جيڪو شاهي محافظ دستي جو ڪماندار بہ هو. اهي ٽئي شخص ئي ان نوجوان شهزادي جو ذهن بہ هئا تہ زبان بہ. هڪ طرف اهي ٽئي عيار هئا تہ ٻئي طرف اڪيلي قلوپطره. وٽس هڪ بہ سٺو مشير ڪونہ هو. حڪومت جون واڳون تہ سندس هٿ ۾ هيون پر حقيقت ۾ مصر جا اصل حاڪم اهي ٽئي مڪار شخص هئا. جن جي مرضيءَ کانسواءِ ڪجهہ بہ عمل ۾ ڪين ٿي آيو. قلوپطره اهو سڀڪجهہ اڪين سان ڏٺو پئي ۽ اندر ئي اندر ڪُڙهي پئي.

انهيءَ دوران قلوپطره ۽ سندس ڀاءُ جي وچ ۾ اختلاف شروع ٿي چڪا هئا. پر هن وڏي حوصلي واري عورت پيءُ جيان بزدليءَ جو مظاهرو نہ ڪيو. هوءَ شام ڏانهن وئي، جتي هن هڪ وڏي فوج گڏ ڪئي ۽ جيئن ئي هن کي فوج جي طاقت جو اندازو ٿيو تہ مصر ڏانهن رخ ڪيائين ۽ پيلوشم جي قلعي وٽ فوج بيهاريائين. جتي شهزادو ۽ ان جا حامي قلوپطره جو انتظار ڪري رهيا هئا. پيلوشم جي قلعي پرسان ساموندي بندرگاه بہ هئي.هيءَ جڳهہ هاڻوڪي مصر جي پورٽ سعيد جي ويجهو هئي.

ويرم ئي نہ گذري جو ٻئي فوجون ويڙهہ لاءِ صفون ٻڌڻ لڳيون. پر ان کان اڳ جو جنگ جا طبل وڄڻ شروع ٿين، پيلوشيم جي ساحل تي پومپي اعظم جو بحري جنگي جهاز نمودار ٿيو. پومپي جيولس سيزر سان ٽڪرجڻ ڪري روم ڇڏي ڀڄي پهتو هو . پومپيءَ جي اچڻ سان وقتي طور تي جنگ ٽري وئي، ڇاڪاڻ تہ شهزادو ۽ قلوپطره ٻئي هن عظيم الشان شخص کان ڏاڍا متاثر بہ هئا تہ ڊنل بہ.


www.sindhsalamat.com

انهن کي ڏپ هو تہ ڪٿي پومپي مصر تي ئي نہ قبضو ڪري وٺي. ٻيو خوف جيڪو شهزادي ۽ قلوپطره کي اهو لڳل هو تہ پومپيءَ جي پويان جوليس سيزر بہ مصر جو رخ ڪندو ۽ هيءَ سرزمين رومي ويڙهن جي لاءِ جنگ جو ميدان بڻجي ويندي.

قلوپطره ڪنهن بہ پريشانيءَ جو مظاهرو نہ ڪيو. پر شهزادو سخت پريشان هو. ۽ ان ڪان وڏيڪ سندس مشيرن جي ننڊ حرام هئي. جن جي اقتدار کي پومپيءَ کان خطرو هو. پومپي بندرگاهہ تي پنهنجي قسمت جي فيصلي جو انتظار ڪري رهيو هو. هو جيڪڏهن مصر جي بندرگاهہ تي لهڻ بدران واپس هليو وڃي ها تہ شايد تاريخ ئي بدلجي وڃي ها پر قضا کيس مصر ڇڪي آئي هئي.

پومپيءَ شهزادي کان مدد طلب ڪئي. شهزادي بجاءِ هن جي مدد ڪرڻ جي کيس قتل ڪرڻ جو منصوبو سٽيو تہ جيئن جيوليس سيزر کي دوست بڻائي قلوپطره جي خلاف مدد حاصل ڪري سگهجي. هيءَ مهم ايڪسيلاس جي حوالي ڪئي وئي. هن هڪ رومي بحري ڪپتان سيلوس ۽ هڪ رومي فوجي آفيسر سيمپليس کي ساڻ ڪنيو ۽ ننڍي ڇٽا هڪ ٻيڙيءَ جي وسيلي پومپيءَ جي جهاز تائين پهتا. پومپي جهاز جي ڇت تي سندن انتظار ڪري رهيو هو. سيمپليس کيس فوجي سلام ڪري جهاز تان هيٺ لهي قلعي منجهہ هلڻ لاءِ چيو. جتي بقول هن عيار شخص جي شهزادو سندس انتظار ڪري رهيو ڇو تہ هن سندس مدد ڪرڻ قبوليو هو.

پومپيءَ ڄاتو ٿي تہ ايڪسيلاس، شهزادي جي صلاحڪارن ۾ شامل هو. انڪري هو بنا ڏپ ڏاءَ جي پنهنجي هڪ غلام سان هنن سان گڏجي سندن ٻيڙيءَ تي سوار ٿي ساحل تي آيو. هو بندرگاهہ تي پير رکڻ وارو ئي هو تہ سيمپليس پنهنجي تلوار سندس چيلهہ ۾ هڻي ڪڍي. هو رڙ ڪري اتي ٻيڙي ۾ ئي ڪري پيو. ايڪسيلاس نهايت بيدرديءَ سان سندس گردن کي ڌڙ کان جدا ڪري ڇڏيو ۽ سندس لاش کي اگهاڙو ڪري سمنڊ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو. ۽ ان جي سري کڻي قلعي جي طرف روانا ٿي ويا.

پومپيءَ جو غلام روئندي اهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو هو. ايتري ۾ اتي بہ رومي سپاهي بہ اچي پهتا. انهن سيني گڏجي پومپيءَ جي سري وڌيل لاش جي چتا کي جلائي سندس آخري رسمون ادا ڪيون.

ٻئي ڏينهن پومپيءَ جو ذاتي آفيسر لوشيش ٻن هزارن سپاهين سان گڏجي ساحل تي لٿو تہ شهزادي جي لڪل فوج مٿانهن حملو ڪري کين قيد ڪري ڇڏيو.

ان جي ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ سيزر بہ اسڪندريہ پهچي ويو.پومپيءَ جي خاتمي ۽ سيزر جي آمد. شهزادي ۽ سندس لشڪر کي ايترو تہ ڏيڇاري ڇڏيو جو قلوپطره سان مقابلو ڪرڻ کانسواءِ ئي


www.sindhsalamat.com

اسڪندريہ پهچي ويو. جنهن جي پويان قلوپطره بہ اسڪندريہ پهچي وئي. شاهي محل تي شهزادو قابض هو. جنهن ڪري قلوپطره شهر کان ٻاهر ٺي هڪ جاءِ تي ترسي پئي. شهزادو ۽ ان جا حواري، سيزر جي اچڻ سبب نهايت خوفزده هئا. جنهن ڪري ان کي خوش ڪرڻ لاءِ ٿيودوٽس پاڻ پنهنجي سر، پومپي اعظم جي وڍيل منڍي ڪٽي سيزر جي جهاز ڏانهن ويو.

جيولس سيزر کي پومپيءَ جي قتل تي خوشي تہ ضرور ٿي مگر هن جي عظيم حريف کي جنهن مڪاريءَ سان ماريو ويو هو. انهيءَ تي هن انتهائي سخت نفرت جو اظهار ڪيو.بعد ۾ سيزر پومپيءَ جي رک سندس زال ڪارنيليا ڏانهن موڪلي ڏني. سيزر، پومپيءَ جي منڍيءَ کي پوري اعزاز سان اسڪندريہ جي ديوار سان دفن ڪرائي ڇڏيو. جتي بعد ۾ ان جو مقبرو جڙويو ويو. گڏوگڏ سيزر بہ هزار رومي فوجين کي بہ شهزادي جي قيد مان آزاد ڪرائي، پنهنجي فوج ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

اسڪندريہ ۾ سيزر جو اهو ردعمل ڏسي، ايڪسيلاس ۽ پوٿي نوس ڏڇي ويا ۽ کين يقين ٿي ويو تہ هاڻي سندن بہ خير نہ آهي. سيزر پنهنجي فوج سان اسڪندريہ ۾ آيو ۽ شاهي محل متان قبضو ڪري ان منجهہ رهڻ لڳو. شهزادي ۽ سندس ساٿين جي ڪوشش هئي تہ ڪنهن صورت ۾ سيزر مصر مان واپس هليو وڃي يا موقعو ملي تہ هن جو بہ پومپيءَ وارو حشر ڪري ڇڏين. پر سيزر آسانيءَ سان هٿ اچڻ وارو نہ هو.

مصري عوام اهو سڀڪجهہ ڏاڍي غصي جي ڪيفيت ۾ ڏسي رهيا هئا. هڪ غير ملڪيءَ جو ائين بيڌڙڪ شهر ۾ گهڙي اچڻ ۽ شاهي محل ۾ قيام ڪرڻ انهن جي لاءِ قومي وقار جي توهين جي برابر هو. ان غم ۽ غصي جو نتيجو ترت ظاهر ٿيڻ لڳو. جو رومين تي آهستي آهستي حملا ٿيڻ شروع ٿي ويا، جنهن جي ڪري رومي فوجي بہ عام جڳهن تي ائين ريل ڇيل وڃڻ کان ڪيٻائڻ لڳا. محل ۾ رهڻ دوران سيزر، بطليموس ۽ قلوپطره کي نياپو موڪليو تہ اهي ٻئي اچي پنهنجو معاملو پيش ڪن.

شهزادو ۽ پوٿي نوس تہ اڳ ۾ ئي سيزر جي قبضي ۾ هئا... بس هو رڳو قلوپطره جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو.

انهن ڏينهن ۾ قلوپطره نهايت نازڪ دور مان گذري رهي هئي ۽ بچاءَ جي بس هڪ اهائي صورت بچي هئي تہ هوءَ ڪنهن ريت سيزر کي پنهنجي حمايت لاءِ راضي ڪري وجهي. هن ڄاتو پئي تہ هڪ دلڪش عورت جيڪو ڪم ڪري سگهي ٿي اهو ڪيترائي جانباز مرد گڏجي بہ نہ ٿا ڪري سگهن، ۽ بعد ۾ هن جو اهو خيال درست بہ ثابت ٿيو.

قلوپطره لاءِ مسئلو اهو هو تہ سيزر تائين پهچي ڪيئن؟ شاهي محل تائين پهچڻ، ٻاهر جي درياهہ کي پار


www.sindhsalamat.com

ڪرڻ برابر هو. هوءَ جيڪڏهن ايڪسيلاس جي لشڪر کان بچي نڪري به ويندي ته به قلعي ۾ محل جا محافظ ڪيس سڃاڻي وٺندا. جيڪي دم دير نه ڪندا ۽ ڪيس قتل ڪري ڇڏيندا. انهن جي نظرن کان بچي سيزر تائين پهچڻ هن لاءِ بلڪل به ممڪن نه هو.

ڪيس ڪا راهه نه ٿي سجهيس، پر پوءِ به هن هڪ فيصلو ڪري ورتو. اها هن جي همٿ ۽ ذهانت هئي، جو هن بند قلعي ۾ هڪ سرنگهه وارو رستو ڳولهي ورتو هو.

هو ويس بدلائي، پنهنجي غلامن سان گڏجي قلعي جي ديوار جي هيٺين حصي ۾ پهتي، جتي هن پاڻ کي قالين ۾ ويڙهايو ۽ سندس وفادار غلام اپالو ڊورس کيس قالين سميت سيزر جي سامهون پيش ڪرڻ لاءِ شاهي محل ڏانهن ڪٺي ويو.

اجازت ملندي ئي غلام، قالين فرش تي رکي ان کي کولڻ لاءِ اڳتي ريڙهي ڇڏيو. قالين مان هڪ حسين عورت کي نڪرندي ڏٺو ته سيزرحيران ٿي ويو. هو سوچي به نه ٿي سگهيو ته قلوپطره وٽس پنهنجي سر تريءَ تي رکي ساڻس ملڻ ايندي. هن جي ان ادا، سيزر کي موهي وڌو. ڇاڪاڻ ته هن لاءِ اهو اهو ڪارنامو هو جيڪو رومي سلطنت جو ڪو ذهين ترين ماڻهو به نه ٿي ڪري سگهيو.

ان رات قلوپطره پنهنجي داستان جو هڪ هڪ ورق سيزر کي ذهن نشين ڪرائي ڇڏيو. سيزر به سندس روئداد ڏاڍي دلچسپيءَ سان ٻڌي يا ائين چئجي ته ٻڌڻ کان وڌيڪ هو سندس حسن تي هرکندو رهيو. هو عورتن کي پسند ڪندو هو.ايستائين جو عورتون خود مٽس مڪين جيان پيون ڪرنديون هيون، پر انهن جي حيثيت وٽس ڪنهن رانديڪي کان وڌيڪ نه هوندي هئي، پر قلوپطره کيس انهن سمورين عورتن کان مختلف لڳي ۽ صبح ٿيڻ تائين هن قلوپطره جي حق ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو.

روم جو هي عظيم شخص 102 قبل مسيح ۾ پيدا ٿيو. ننڍپڻ کان شاهاڻي مزاج وارو هو. رئيسن وارا شوق، راندين ۽ خطرن سان کيڏڻ جو جنون. اعليٰ درجي جو شهسوار، انتهائي طاقتور سپاهي، هٿيارن کي استعمال ڪرڻ جو پورو ڏانءُ.اهي سندس صرف ڪي خوبيون هئس. جوان ٿيندي ئي روم جي شهنشاهه ٿيڻ جو شوق هوس. جسماني طور به ڦرتيلو ۽ وچولي قد وارو هو. پنهنجي دليريءَ جي ڪري، ننڍي هوندي ئي فوج ۾ نمايان مقام حاصل ڪري چڪو هو.

جوليس سيزر، نج رومي شڪل صورت وارو سهڻو شخص هو. پر هو ذهانت ۾ به بي مثل هو. هن جي ارادي جي بي پناهه قوت، دماغي صلاحيت ۽ دليريءَ سبب هو هڪ غير معمولي شخص ليکيو ويندو هو.

هن ۾ گهٽين خوبين سان گڏ ڪي ڪمزوريون به هيون. هو لالچي هو ۽



www.sindhsalamat.com

کيس دولت جي هوس تمام گهٽي هئس. فضول خرچ بہ ڏاڍو هو. ڪيترين جنگيون تہ هن رڳو دولت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيون هيون. هن اسپين، جرمني ۽ برطانيا تي بہ رڳو دولت جي حاصل ڪرڻ لاءِ چڙهايون ڪيون. مصر جي خزانن تي بہ سندس نظر هئي. هن کي معلوم هو تہ ان ملڪ جا مندر ۽ بادشاهن جا مقبرا هيرن جواهرن سان ڀريل هئا. پر سينيٽ وارا بہ سندس سوچن کان واقف ٿي چڪا هئا، مٿان پومپيءَ جهڙو هر دلعزيز شخص، مصر تي فوج ڪشيءَ جي خلاف هو. انڪري سيزر کي اجازت نہ ملي سگهي تہ هو مصر مٿان ڪاه ڪري سگهي.

سيزر جي ٻي وڏي ڪمزوري سندس عيش پرستي هئي، جنهن جي ڪري هو ساري زندگي بدنام رهيو. هو ننڍي عمر کان ئي شراب ۽ عورت جو عادي ٿي ويو هو. اصل ۾ سيزر اخلاقي قدرن جو قائل هيو ئي نہ. ايستائين جو پنهنجي تمام ويجهي دوست بروٽس جي ماءُ سان بہ جنسي تعلق هوس. هنن ڳالهين ۾ هن سياسي مصلحتن کي بہ اورانگهي ڇڏيو هو. جنهن جي ڪري هن جا اهي ماڻهو بہ دشمن ٿي ويٺا هئا جن سان هن جي دوستي انتهائي ضروري هئي. انهن ۾ پومپيءَ جي گهرواري ڪارنيليا بہ شامل هئي، جنهن کي هن پنهنجي محبت ۾ گرفتار ڪري ڇڏي هو، ۽ جنهن جي ڪري پومپي سندس وڏو دشمن بنجي ويو هو.

پنهنجي شهنشاهہ ٿيڻ جي سپني کي ساڀيا ڏيڻ لاءِ هن کي رومي عوام جي حمايت جي ضرورت هئي، جن کي پنهنجو همراز بنائڻ لاءِ هو مٿن دولت جي ول ڇل ڪندو هو. جاهہ ۽ جلال سان رهڻ،سيزر جي وڏي ڪمزوري هئي. هو سدائين پهريون نمبر رهڻ چاهيندو هو.

سيزر سياسي برتري حاصل ڪرڻ لاءِ انتهائي شرمناڪ حربا استعمال ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻائيندو هو. هن پنهنجي سياسي حريف سيسرو جي هردلعزيزيءَ کان خائف ٿي، ان جي خلاف ان عهدي جي انتخاب ۾ ڪلوڊيس نالي هڪ بدمعاش جي حمايت ڪئي، جيڪو پنهنجي ڪردار ۾ بيحد بدنام هو. سيزر جي زال پومپيا جي ان نوجوان سان ڏيٺ ويٺ هئي ۽ سيزر بہ زال تي اهو الزام ڌري کيس طلاق ڏئي ڇڏي. پوءِ وري ان ئي شخص کي منصف جي عهدي تي ڪامياب ڪرائي ڇڏيو.جنهن مان سندس اخلاقي بدحاليءَ جي خبر پئي ٿي.

هن پهرين شادي ڪوسوشيا نالي هڪ مالدار عورت سان ڪئي هئي، پر پوءِ سندس دل ڪورنيليا تي آئي جيڪا ” سلا“ نالي جي خطرناڪ رومي سردار جي ڌيءَ هئي. هن سردار پنهنجي ڌيءَ کي هن جي هرجائي هٿن کان بچائڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي پر اها سيزر جي چنبن ۾ ڦاسڻ واري هئي جو سندس اوچتي موت کيس سيزر کان بچائي ورتو . ان کانپوءِ سيزر پومپي جي ويجهو پوڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان جي مائٽياڻيءَ پومپيا سان شادي ڪئي، پر ٿوري عرصي کانپوءِ هن،


www.sindhsalamat.com

ان کي بہ طلاق ڏئي ڪليوپيٽرا سان شادي ڪئي. جيڪا ڪليوپيٽرا جهڙي نفسياتي ۽ جنسي مريض جي ڌيءَ هئي، جنهن کي "روم جو گند" ڪوٺيو ويندو هو. هي ماڻهو پنهنجي بيهودن نظمن جي ڪري بہ پوري يورپ ۾ بدنام هو. سيزر کيس ڪائونسلر جي عهدي تي فائز ڪيو. جنهن تي پومپيءَ ۽ ڪيٽوءَ ٽالي سڀ سالار مٿس سخت تنقيد ڪئي. جنهن جي ڪري سيزر ڪليوپيٽرا کي بہ طلاق ڏئي ڇڏي ۽ وري پومپيءَ جي ڌيءَ سان شادي ڪري ڇڏيائين. هيءَ عورت پهرين "سلا" جي زال هئي جنهن کان سيزر کيس طلاق ڏياري پنهنجي گهر واري بڻايو. ظلم تہ اهو هن پنهنجي پائٽيءَ کي سنڌس سڀ کان وڏي مخالف پومپيءَ جي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏيو. سنڌس زندگيءَ جو هي رخ کيس انتهائي ڪريل ڏيکاري ٿو. جيڪو پنهنجي نفسياتي خواهشن جي تڪميل لاءِ تمام هيٺ بہ ڪري سگهيو ٿي.

سيزر روم جي عظيم ماڻهن ۾ تہ اڳ ۾ ئي شامل هو پر پومپي جي قتل کانپوءِ هو روم جو پورو مالڪ بڻجي ويو.

مصر جي سموري اهميت نيل نديءَ جي ڪري آهي. ان جو پاڻي ئي ملڪ جي اقتصادي رڳن ۾ خون جيان ڊوڙندو آهي. مصر جي جاگرافيائي اهميت بہ گهٽ نہ آهي. خاص طور واپاري جهازرانيءَ ۾ تہ هن جي وڏي اهميت هئي جو تہ يورپ کان ايشيا تائين اچڻ اجڻ جو اهو ئي هڪ محفوظ رستو هو.

سيزر بہ هميشہ مصر تي قبضي ڪرڻ جو حامي رهيو هو. مصر ۾ هن لاءِ سڀ کان وڏي ڪشش اها هئي تہ اتي جو عوام شاهہ پرست هو ۽ اها ئي ڳالهہ سيزر جي حوصلي کي وڌائڻ لاءِ ڪافي هئي. يورپ ۾ سردين جي شروعات ٿي چڪي هئي، جڏهن تہ اسڪندريہ ۾ وچولي موسم هئي. سيزر چاهيو ٿي تہ هو اهو وقت اسڪندريہ ۾ گذاري ۽ گڏوگڏ مصر جي حالتن جو جائزو بہ وٺندو رهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ اها تہ پومپي جي قتل سبب جيڪو طوفان روم اندر اٿيو هو. تنهن جي دز گهٽجي وڃي. سيزر چاهيو ٿي تہ هو روم ان وقت وڃي جڏهن سنڌس بادشاهيءَ جي خلاف سمورا ڪنڊا صاف نہ ٿي وڃن. پر مصر اچي سيزر کي محسوس ٿيو تہ ڄڻ قدرت خاص مهرباني ڪري کيس هتي آندو هو. هاڻي هن جي سامهون رڳو قلوپطره ئي نہ پر سڄو مصر ڪنڌ جهڪائي سنڌس آڏو بيٺل هو.

قلوپطره جي پهچڻ جي پٺيءَ ڏينهن سيزر، شهزاديءَ کي گهرايو ۽ چيو تہ هو قلوپطره سان وڙهڻ جي بجاءِ پنهنجي گذاري ويل پيءُ جي وصيعت مطابق هن سان ملي حڪومت ڪري. شهزادي محسوس ڪيو تہ قلوپطره، سيزر کي پنهنجي حسن جي جادوءَ ۾ جڪڙي ورتو آهي، جنهن ڪري ئي هو سنڌس حمايت ڪري رهيو هو. پوءِ هڪ خاص اجلاس ۾ لاڏاڻو ڪري ويل بادشاهہ جي وصيعت


www.sindhsalamat.com

ڪمڪ پيلوشيم جي ساحلي قلعي تي قبضو ڪرڻ کانپوءِ نيل نديءَ کي پار ڪري اسڪندريہ جي طرف وڌڻ لڳي.

شهزادي بطليموس کي انهيءَ جو اطلاع مليو تہ هو نہ چاهيندي بہ جنگ جي ميدان ڏانهن وڌيو. سندس اسڪندريہ کان نڪرندي ئي سيزر حرڪت ۾ اچي ويو. هو شام کان آيل فوج سان موجوده قاهره جي ويجهو وڃي مليو. شهزادي کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر پئي تہ هن صفن کي بيهر ترتيب ڏني. مصري لشڪر بہ گهٽ ڪونہ هو ۽ نہ وري ڪو شهزادو بہ بزدل هو. پر هن جو مقابلو دنيا جي تجربيڪار فوج سان هو، جنهن جي سپهہ سالاري خود سيزر جهڙو جرنيل ڪري رهيو هو. ٻن ڏينهن جي سخت ويڙهہ کانپوءِ مصري لشڪر کي شڪست آئي، ان جا ڪيترائي فوجي مارجي ويا. خود شهزادو ڪنهن ٻيڙيءَ ذريعي فرار ٿي ويو پر رستي ۾ سندس ٻيڙي اونڌي ٿي پئي ۽ هو نيل نديءَ ۾ ئي غرق ٿي ويو. ان ريت سيزر پنهنجي آخري دشمن کي بہ رستي تان هٽائي ڇڏيو. هاڻي قلوپطره ۽ مصر جي حڪومت صرف ۽ صرف هن جي ئي هئي.

سيزر مارچ 47 قبل مسيح ۾ فاتحاڻي انداز ۾ اسڪندريہ پهتو، تہ جيئن سموري شهر سندس استقبال ۾ پنهنجا نيڻ وڇائي ڇڏيا. تيئن قلوپطره بہ پنهنجو پاڻ مٿس واري ڇڏيو.ان وچ ۾ ٻنهيءَ جي وچ ۾ پيار جي رشتن ڪري قلوپطره پيٽ سان ٿي پئي هئي. پهرين تہ سيزر جو ارادو هو تہ بهار جي موسم ۾ روم ڏانهن روانو ٿي ويندو. سندس فوج جي اڳواڻن جو بہ اهو خيال هو تہ هاڻي سيزر روم واپس هلندو پر قلوپطره مٿس اهڙو ڪو جادو ڪري ڇڏيو جو هن روم وڃڻ جو ارادو ئي ترڪ ڪري ڇڏيو. قلوپطره جو سيزر جي مزاج تي ايترو اثر ٿي چڪو هو جو هوءَ ڪانئنس پنهنجي هر ڳالهہ مڃرائي پئي سگهي ۽ سندس ئي زورڪرڻ تي سيزر ٻار جي ڄمڻ تائين مصر ۾ ترسي پيو.

مصر اچڻ کان اڳ ۾ سيزر هتي جي دولت جا قصا رڳو ٻڌا هئا پر هن جڏهن مصر ۾ علم ۽ فن، معاشي خوشحالي ۽ دولت جي ريل ڇيل ڏٺائين تہ ڪيس هي ملڪ ڏاڍو وڻيو. روم بيشڪ هڪ وڏي طاقت وارو ملڪ هو پر ان وٽ مصر جي ماڻهن وانگر علم ۽ فن جا ڪي ماهر نہ هئا نہ ئي انهن وٽ ڪي عالم اديب يا معاشي وسيلا ۽ ڪي بهترين زميندار هئا. مصر جو زرعي نظام ڏاڍو منظم هو.

سيزر کي ان وقت تائين پيسي ڪمائڻ جا رڳو ٻہ طريقا ايندا هئا، يعني جنگين ۾ مخالفن کي ڦرڻ لٽڻ ۽ قرض وٺڻ. پر مصر اچي کيس معلوم ٿيو تہ ڪمائڻ جو ان کان وڌيڪ بيو ڪو طريقو اهو هو تہ ماڻهن تي ٽيڪس لڳائي وڃي. نہ لشڪر جي ضرورت، نہ ڳاٽي پگهر خرچ. بس عوام مٿان ٽيڪس ذريعي پئسي جي ڪا ٻوڏ هئي جا سرڪاري خزاني کي پئي ڀريندي وئي.

قلوپطره وڏي صبر ۽ تحمل سان حالتن جو جائزو پئي ورتو. هن کي اهو خطرو اجان بہ لاحق هو تہ روم، مصر کي پنهنجي قبضي هيٺ نہ آڻي ڇڏي. اهو سوچي هن سيزر کي پنهنجي مٺ ۾ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن کي اندازو هو تہ جيڪڏهن هن سيزر کي روم کان ٽوڙي ورتو تہ هو پاڻ ئي مصر جي شاهہ جي حيثيت ۾ مصر جو دفاع ڪري سگهندو. نہ رڳو ايترو پر هو خود پوري روم تي بہ دسترس حاصل ڪري سگهندو. ان لاءِ هڪ طويل منصوبا بنديءَ جي ضرورت هئي، جنهن جي پهرين مرحلي ۾ سيزر کي مصر جي پاسي لاڙڻو هو.

قلوپطره ۽ سيزر جي شادي نہ ٿي هئي پر قلوپطره اهو پرچار شروع ڪرايو تہ سيزر، آمون ديوتا جو اوتار هو ۽ هن جي قلوپطره سان شادي هڪ آسماني سنجوڳ ذريعي ٿي آهي. هن مصري عوام کي مطمئن ڪرڻ لاءِ پوڄارين جي گهرن کي مال ملڪيتن سان پري ڇڏيو. جلدئي مندرن ۾ اهڙي قسم جون تصويرون تيار ڪرائي لڳرايون ويون جن ۾سيزر کي آمون ديوتا جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو تہ قلوپطره کي ديوتائن جي ٻار ڄڻائڻ واري حصي ۾. اهڙيءَ ريت مصري عوام انهن جي شاديءَ کي ديوتائن جو فيصلو ڪري قبولي ورتو. قلوپطره پنهنجي ذهانت تي خوش هئي، جنهن جيولس سيزر جهڙي عقليت پسند شخص کي آسماني ديوتا بڻائي ڇڏيو هو ۽ هو سچ پچ پاڻ کي ڪو مصري ديوتا سمجهڻ لڳو هو. رومي تہ سندس ان دعوا کان متاثر نہ ٿيا البت مصرين جي حالت اها هئي جو جتي سيزر کي ڏسندا هئا تہ هڪدم سجدي ۾ ڪري پوندا هئا.

قلوپطره کي سيزر ۾ سڀ کان وڏي ڪشش اها نظر ٿي آئي تہ هو روم جو آمر هو ۽ حالتون ٻڌائي رهيون هيون تہ هو جلد ئي روم جي بادشاهيءَ جو تاج پائڻ وارو هو. جيڪڏهن سيزر جي حياتيءَ ۾ روم تي ئي سندن حڪومت قائم ٿي وئي، تہ بعد ۾ اها ئي حڪومت قلوپطره جي اولاد جي قبضي ۾ اچڻي هئي، جنهن جي تربيت ۽ پرورش قلوپطره کي ئي ڪرڻي هئي. قلوپطره رڳو حسين ئي نہ هئي پر هوءَ ذهين ۽ انسان شناس بہ هئي، جنهن ڪري هن سيزر کي اهو ئي سپنو ڏيکاريو تہ سندن ميلاپ سان هڪ اعليٰ حڪومت قائم ٿي سگهي ٿي. حالانڪ اعليٰ حڪومت جو خواب ڏسندي ڏسندي سڪندراعظم ۽ سائرس اعظم جهڙا عظيم فاتح بہ مري کپي ويا هئا.

سيزر پنهنجي مٽي تي مڪٽ سجائڻ جي خواهش تہ رکي پئي پر هن جي ڪوشش اها هئي تہ اهو تاج کي پيا سندس مٽي تي رکن. قلوپطره سندس ان خواهش کي پڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ کيس اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو تہ ڪهڙيءَ ريت هو روم جي جمهوريت کي قيصريت ۾ تبديل ڪري، ان جو پهريون شهنشاهہ ٿيڻ جو اعزاز حاصل ڪري. ان دوران سيزر جي ذهن ۾ خيال آيو تہ مصر



www.sindhsalamat.com

جو دورو ڪري، ان جي دولت ۽ وسيلن جو جائزو وٺڻ گهرجي ته جيئن انهن کي آئينده جي مهمن ۾ استعمال ڪري سگهجي. ان خيال کان دريائي سفر جي تياري ڪئي وئي. قلوپطره حمل جي آخري مهينن هوندي به سيزر سان گڏ هئي. وڏين تيارين ڪانپوءِ نيل نديءَ ۾ هڪ وڏي ٻيڙي سفر شروع ڪيو. هن سفر دوران سيزر ۽ قلوپطره، پٿر جي ڪجهه يادگارن کي، درياهه رستي ئي اسڪندريه منتقل به ڪرايو، جن ۾ هڪڙو حسين منارو به هو جيڪو اڳتي هلي قلوپطره جي سئيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو.

هن دريائي سفر جي واپسيءَ تي قلوپطره جولاءِ جي پهرين هفتي ۾ هڪ پٽ کي جنم ڏنو، جنهن جو نالو سيزارين رکيو ويو. گڏيل نسل جو هي ٻار نهايت سهڻو ۽ صحتمند هو. سندس مصري نالو، روايت موجب، بطليموس ئي هو، جيڪو ان نالي جو سورهون ٻار هو، جيڪو اڳتي هلي بطليموس سورهين جي نالي سان مشهور ٿيو. سيزر کي مصر ۾ آئي گهڻو ئي وقت ٿي ويو، هاڻ هن روم واپس وڃڻ ٿي چاهيو.

روم وڃڻ کان اڳ، سيزر جيڪي اڌورا رهجي ويا هئا، تن کي پورو ڪرڻ ٿي چاهيو، خاص ڪري ڪيترن علائقن ۾ سندس فوج کي شڪست کائڻي پئي هئي ۽ ڪجهه علائقا فتح ڪرڻ کان رهجي ويا هئا. هن پنهنجي فوج جو اڳواڻي سنڀالي ۽ تيزيءَ سان دشمن تي وڃي ڪڙڪيو، انهن کي شڪست ڏئي، قبضي هيٺ آيل علائقن جو انتظام سنڀالي، سيپٽمبر ڏاري روم تائين پهچي ويو. اتي به گهڻو عرصو نه رهيو، ڇاڪاڻ ته اتر آفريقا ۾ پومپي جي ٻچيل ڪرڙ. "ڪيٽو" ۽ "سيپو" جي سرڪردگيءَ ۾ هڪ حڪومت ٺاهي چڪا هئا، جن کي نوميدا جي بادشاهه جي حمايت حاصل هئي. سيزر لشڪر وٺي اتي پهتو ۽ چند ئي مهينن ۾ سندن نالو نشان مٽائي ڇڏيائين. "ڪيٽو" ۽ "سيپو" کي خودڪشي ڪرڻي پئي.

هيڏانهن سيزر وڏي شان شوڪت سان روم پهتو ته جشن جون تياريون ٿي ويون. ٻئي پاسي قلوپطره روم وڃڻ لاءِ سفر جون تياريون ڪيون، ڇاڪاڻ ته روم ۾ مصر جي شهزاديءَ آرسينو، گيني ميڊ، پوٿي نوس ۽ ايڪسيلاس وغيره کي موت جي سزا ٿيڻي هئي. سيزر هاڻ صرف رڳو مملڪت جو ڪل مختيار نه هو پر هو جلد ئي روم جو شهنشاهه ۽ قلوپطره سندس راڻي ٿيڻ واري هئي.

قلوپطره هڪ وڏي بحري ٻيڙي تي سوار ٿي اٽليءَ جو رخ رکيو. ساڻس ننڍڙو سيزارين به هو. گڏوگڏ سوين غلام، نوڪرياڻيون ۽ سندس حفاظتي دستي ۾ هزارين سپاهي به موجود هئا. قلوپطره سمجهيو ٿي ته روم جو عوام ڪيس جلدي قبول نه ڪندو، ڇاڪاڻ ته هوءَ انهن لاءِ غيرملڪي هئي ۽ ٻيو ته انهن جون همدرديون سيزر جي پهرين زال ڪلپورينا سان هيون. قلوپطره، سيزر کي صلاح ڏني


www.sindhsalamat.com

تہ ڪيس راڻيءَ واري حيثيت ۾ تعارف نہ ڪرائي، پر سيزر کي پنهنجي گذريل ڪاميابين تي ايترو تہ فخر هو جو هو ڪنهن جي بہ ڪاڻ ڪڍڻ لاءِ تيار نہ هو. هن بيتڙڪ قلوپطره کي پنهنجي راڻيءَ واري حيثيت ڏني. هوءَ سيزر جي اباڻي جاگير واري گوناٽي محل ۾ رهيل هئي. ان ۾ اسڪندريہ جي محل جهڙي نفاست تہ ڪانہ هئي پر ڪو سليقو بہ نہ هو. ان جي باوجود قلوپطره اهو پئي ظاهر ڪيو تہ هوءَ سيزر جي قربت ۾ ئي بيحد خوش هئي.

روم جي فتح جي سلسلي ۾ ملهايل جشن، ڪا وڏي حيثيت نہ پئي رکي پر ان جشن جو مقصد عوام کي هڪ وحشي نموني جي تفريح مهيا ڪرڻ هو. جنهن ۾ بي تحاشا خون وهايو ويندو هو. هن جشن جي پهرين ڏينهن سيزر جي هٿان فرانس جي فتح جو جلوس نڪتو. جنهن جي پڇاڙيءَ تي بي شمار جنگي قيدين سان گڏ ورسيڪ ٽورڪس جهڙي بهادر شخص کي قتل ڪيو ويو. جيڪو ڇهہ سال قيد ۾ رهيو هو. ٻئي ڏينهن مصر جي فتح جو جلوس نڪتو. جنهن ۾ گيني ميڊ، پوٿي نوس ۽ ايڪسيلاس سان گڏ بيا ڪيترا ئي پنهنجي آخري انجام تائين پهتا. سيزر، جشن ۾ مصري بادشاهن جا مجسما بہ رکيا هئا. جن جو مقصد اهو ظاهر ڪرڻ هو تہ هاڻي مصر بہ روم جي قبضي هيٺ هو. قلوپطره عقل کان ڪم وٺندي انهيءَ تي ڪو ردعمل نہ ڏنو. ٽئين ڏينهن سيزر جي پولطس جي فتح جو جشن ملهايو ويو. پهرين ٽن ڏينهن وارن ملهايل هر جشن ۾ تہ عوام ڏاڍو خوش هو پر چوٿين ڏينهن واري جشن ۾ جڏهن نوميديا جي فتح جو جلوس نڪتو تہ عوام پنهنجي ڪاوڙ لڪائي نہ سگهيو. ڇاڪاڻ تہ ان جشن ۾ سيزر پنهنجي دشمنن ڪان ڪسيل، جهندن، هٿيارن ۽ ڦريل لٽيل مال سان گڏ ڪيٽو، سيپو ۽ ٻين وڏي مرتبي وارن رومين جا ڪل ڏياريندڙ مجسما بہ رکيا هئا.

قلوپطره اڃا روم ۾ موجود هئي تہ سيزر جي هڪ حرڪت عوام کي حيران ڪري ڇڏيو. هن زهره ديويءَ جو مندر جوڙايو. گڏوگڏ قلوپطره جو مجسمو بہ ٺهرايو ۽ جنهن ڏينهن هن مندر جو افتتاح ڪيو، ان ڏينهن اهو مجسمو مندر جي سنگ مرمر جي چبوتري تي لڳايو ويو. جنهن جو مقصد هو تہ روم جو عوام قلوپطره جي عظمت کي تسليم ڪري. جيڪا صرف مصر جي ئي مقدس هستي نہ هئي پر جنهن کي گڏوگڏ زهره ديويءَ سان بہ نسبت هئي. جهڙيءَ ريت مصر ۾ آمون ديوتا کي جنهن عزت ۽ احترام واري نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو تيئن روم ۾ زهره جي حيثيت هئي. بهرحال سيزر جي اِها چال ڪامياب تي ۽ آخرڪار روم جو عوام قلوپطره کي زهره ديوي جي حوالي سان عزت جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳو.

سيزر ۽ قلوپطره اهو سوچي روم آيا هئا تہ سندن راهہ جو سموريون رڪاوٽن ختم ٿي ويون هيون. حقيقتن ائين



www.sindhsalamat.com

نہ هو. سيزر پلي تہ انهن ڏينهن ۾ رومين ۾ مقبول هو پر سندس ٺي پارٽي ايتري مقبول نہ هئي. اينتوني، جيڪو هن جو ساڄو بازو هو، ان جي بہ ساڃس اٿبٺت ٿي پئي هئي ۽ روم ۾ اهي افواهہ گشت ڪري رهيا هئا تہ اينتوني، سيزر کي قتل ڪرڻ جي چڪر ۾ هو. ٻئي طرف پومپيءَ جا خيرخواهہ بہ روم ۾ موجود هئا. خود سيزر پنهنجي وڏائيءَ سبب نوان نوان دشمن پيدا ڪري رهيو هو. فتح جي جشن سان گڏ سيزر رومي سياست جي داءَ پيچ ۾ قاتل هجڻ جي باوجود پنهنجي منصوبي کي وساريو نہ هو. جنهن جو بنيادي نڪتو اهو هو تہ عوام کي خوش رکيو وڃي. ان ڪري هن عوام کي هٿ هيٺ رکڻ لاءِ کيل تماشن، ٿيٽر ۽ رانڌين جا مقابلا منعقد ڪرايا. رومي ماڻهو دعوتن کائڻ جا ڏاڍا شوقين هئا ۽ سيزر بہ کين خوش ڪرڻ لاءِ مٿانهن دل کولي پيسو خرچ ڪيو.

قلوپطره روم اچي ڏٺو تہ اتي هڪ بي تڪو ڪيلينڊر رائج هو جنهن ۾ مهينن يا ڏينهن جي ڪا ترتيب ڪا نہ هئي. هن سيزر جي چوڻ تي اتي جي ڪئلينڊر کي درست ڪرايو ۽ اينڊڙ سال يعني ڇائتاليهين قبل مسيح جي سال کي ٻارهن مهينن جي بجاءِ پندرهن مهينن جو قرار ڏنو ۽ روم جي بي ترتيب سال جي تاريخن بجاءِ مصر جي جنتريءَ کي رائج ڪيو.

پنجيتاليهہ قبل مسيح ۾سيزر روم جو مختار ڪل منتخب ٿي ويو. جنهن ڪري هاڻي هو پنهنجي مرضيءَ سان حڪومت هلائڻ جي پوري طاقت ۾ هو. اهو اصل ۾ هن جي منصوبي مطابق شهنشاهيءَ جي طرف هڪ قدم هو. هاڻ سيزر موقعو ڏسي، دنيا کي فتح ڪرڻ جي منصوبي جو اعلان ڪيو. جنهن جو روم ۾ نهايت گرمجوشيءَ سان خير مقدم ڪيو ويو. پر سيزر جيستائين انهيءَ تي عمل ڪري، تيستائين اسپين ۾ پومپي جي خيرخواهن بغاوت شروع ڪري ڏنيءَ سيزر کي انهيءَ بغاوت کي ڪچلڻ لاءِ اسپين جي طرف وڃڻو پيو.

ان عرصي ۾ قلوپطره ايتري سرگرم نہ هئي پر سيزر انهن ڏينهن ۾ بيحد مصروف هو. هوءَ سيزر جي اباڻي محل ۾ سيزارين سان گهريلو زندگي بسر ڪري رهي هئي، پر هوءَ پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي مفاد کان ٿورو بہ غافل نہ هئي. رومين بہ هن وڏي حوصلي واري حسين عورت کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو پئي. سيزر لاءِ سندس محبت ۽ پنهنجي پٽ لاءِ ممتا، سيني کي متاثر ڪيو هو. سيزر مستقبل جي منصوبن تي سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ جڏهن ڪا گڏجاڻي ڪندو هو تہ قلوپطره کي بہ ضرور شامل ڪندو هو. جنهن ۾ سندس صلاحون ٻڌي نهايت ذهين ماڻهو بہ حيران ٿي ويندا هئا. پلا جنهن عورت اينتوني ۽ سيزر جهڙن شخصن کي قابو ڪري رکيو هجي، ان جي ذهانت تي ڪير ٿو شڪ ڪري سگهي. آخرڪار هوءَ مصر جهڙي علم جي گهواري جي شهزادي هئي.



www.sindhsalamat.com

جتي مستقبل جي حڪمرانن کي ننڍپڻ کان ئي تعليم ۽ تربيت ڏني ويندي هئي.

سيزر، بادشاهه بڻجڻ لاءِ ڏاڪو ڏاڪو ڪري چڙهي رهيو هو. پر سندس بيقرار طبيعت کيس بيچين ڪري رهي هئي. هن جو خيال هو ته پارس(پرشيا/پارس) جي سلطنت فتح ڪري جلد کان جلد روم جي شاهه جو تاج سر تي رکي. ان بيچينيءَ ۾ هن سينيٽ مان پنهنجي لاءِ سپهه سالار جو عهدو به منظور ڪرائي ورتو. گڏوگڏ اهو به ته اهو عهدو خانداني يعني موروثي طريقي سان قائم رهندو ۽ هن کان پوءِ سندس اولاد کي ملندو. روم جي رهواسين جي به اها ئي آس هئي ته سيزر بادشاه ٿئي ۽ قلوپطره سان شاديءَ ڪانپوءِ، مصر کي به روم جي قبضي وارن علائقن ۾ شامل ڪري. انهن کي سيزر مان اها اميد هئي، پر قلوپطره جي ذهن ۾ ڪجهه ٻيو هو. هن کي معلوم هو ته جيستائين سيزر پنهنجي منصوبن جي تڪميل ڪندو، تيستائين هو عمر جي آخري حصي ۾ پهچي چڪو هوندو ۽ سيزارين جوان ٿي چڪو هوندو.

ماءُ بڻجڻ ڪانپوءِ قلوپطره کي احساس ٿيو ته سندس پٽ جي راهه ۾ جيترا گهٽ ڪنڊا وچايل هجن، اوترو سٺو هو. جنهن ڪري هن باقي بچيل پنهنجي ننڍي ڀاءُ بطليموس پندرهين کي به زهر ڏياري، رستي تان هٽائي ڇڏيو.

انهن ڏينهن ۾ سيزر به ڪجهه اهڙا قدم کنيا جن مان هن جي بادشاهه ٿيڻ جا ارادا صاف نظر اچڻ لڳا. هن ايوان ۾ اتي، جتي اڳي ئي روم جي سٺن بادشاهن جا مجسما لڳل هئا، پنهنجو مجسمو به لڳرايو. هن پاڻ زرتار پوشاڪ پهرڻ شروع ڪري ڏني، جيڪا صرف بادشاهن جي لاءِ مخصوص هئي. گڏوگڏ رومي سڪي تي سندس نقش ڇپيو ويو. جنهن جي ڪري روم جي جمهوريت پسند عوام ۾ بدلي ڦهلجڻ لڳي. اصل ۾ انهن کي سيزر جي بادشاه ٿيڻ تي ايترو اعتراض نه هو، جيترو هن جي پاڻ کي مقدس هستي ڪري پيش ڪرڻ تي هو. اهو سراسر مصري انداز هو ۽ رومي ماڻهو ان ڳالهه جا هر گز قائل نه هئا. انهن کي، ان کان وڌيڪ ڪاوڙ انهيءَ ڳالهه تي به هئي ته تخت جو هنڌ روم جي بجاءِ اسڪندريه ٿيڻ وارو هو. حالانڪ اهو ان وقت ته افواه ئي هو، پر سيزر جي مخالفن ان کي ڦهلائي سچو الزام قلوپطره تي لڳائي ڇڏيو. سيزر جي غلطي وري اها هئي ته هن ان پروپيگنڊا کي نه ٽوڙيو. هن کي مخالفن جي انهن حرڪتن جو چڱيءَ طرح علم هو پر هن جو ڌيان پنهنجي عظيم منصوبن تي عمل ڪرائڻ طرف هو. ان ڪري هن انهن ننڍين معاملن تي ڌيان ڪونه ٿي ڏنو. پر انهن ننڍين ننڍين ماڻهن، اهڙو ته وڳوڙ پيدا ڪيو جو ڳالهه آخرڪار سيزر جي خاتمي تائين وڃي پهتي.

سيزر، قلوپطره کي مصر واپس اماڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سندس روانگيءَ



www.sindhsalamat.com

ڪان اڳ ۾ سينيٽ وٽ پنهنجو وصيت نامو مهر لڳرائي رکرائي ڇڏيو.

اهو ڇاڻ لاءِ تہ روم جو عوام سيزر جي بادشاهيءَ تي ڪيتري حد تائين راضي هو. ان لاءِ هن هڪ انوکو منصوبو جوڙيو ويو. روم جو عوام فيبروريءَ جي مهيني ۾ لوپرڪسي ديوتا جو ڏڻ ملهائيندو هو. جنهن ۾ پهرين ديوتا جي پيٽا لاءِ هڪ ڪتي ۽ هڪ ٻڪري کي قربان ڪيو ويندو هو ۽ بعد ۾ انهن جي کلن مان سنهيون رسيون ٺاهي ان مان چهبڪ ٺاهيا ويندا هئا. انهن چهبڪن کي مها پروهت ( مذهبي پيشوا ) ڪٺي ويندو هو ۽ شهر ۾ هر نظر ايندڙ عورت کي هڻندو هو. رومين جو عقيدو هو تہ انهيءَ سان بدروح دور ٿي ويندا هئا ۽ عورت ٻار ڄڻڻ جي لائق ٿي ويندي هئي. لوپرڪسي کي، مصر جي آمون ديوتا جيان، تخليق جو ديوتا سمجهيو ويندو هو. چون ٿا تہ ان چهبڪ کي فرورا سڏيو ويندو هو ۽ ان مهيني کي بہ ان ڪري فيبروري سڏيو ويندو هو.

سيزر، قلوپطره جي چوڻ تي ان جشن ۾ شرڪت ڪئي. سندس ماتحت اينتوني ۽ مارڪسي ان تقريب ۾ مها پوڄاري هئا. جيڪي هر سامهون ايندڙ عورت کي چهبڪ هڻي رهيا هئا ۽ جڏهن سيزر جي سامهون آيا تہ اينتونيءَ کيس تخليق جو ديوتا قرار ڏنو ۽ کيس سلام ڪيو. موقعي جو فائدو وٺندي هن ڪٺان هڪڙو تاج هٽ ڪري ورتو، جيڪو هن سيزر کي پيش ڪندي چيو، "اي آسماني ديوتا، دنيا جي هن حقير حڪومت جو تاج قبول ڪريو."

ان وڏي هجوم مان انتونيءَ جي حامين تہ وڏا وڏا نعرا هڻڻ شروع ڪيا، پر گهڻو تڻو عوام خاموش هو. سندن چهرن تي ناپسنديدگيءَ جا ڀاوَ ظاهر ٿي رهيا هئا، جنهن تي سيزر نہ چاهيندي بہ اهو تاج قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

سيزر جي انڪار تي عوام جي وڏي تعداد خوشيءَ کان نعرا هڻڻ شروع ڪيا، سيزر اندازو ڪري ورتو هو تہ روم جو عوام کيس بادشاهہ يا مقدس هستيءَ جي روپ ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو.

قلوپطره جي هن ڪهاڻيءَ ۾ سيزر کانپوءِ ٻيو اهم ڪردار مارڪ اينتوني جو آهي. سيزر جو هي جان نثار دوست ڪنهن ڳالھ تان ساڻس ناراض ٿيو هو. پر جلدئي سندن وچ ۾ صلح صفائي ٿي وئي هئي، پر پوءِ بہ ٻنهي جي وچ ۾ اها پهرين واري ڳالھ نہ رهي هئي. سيزر مٿس انحصار ضرور ڪندو هو پراعتماد نہ ڪندو هو. صلح کانپوءِ هو سندس منصوبي ۾ هڪ جيترو شريڪ هو ۽ سندس حامي هو. هو ڪيترا ڀيرا قلوپطره سان بہ مليو هو ۽ ان جي حسن کان بہ ڏاڍو متاثر ٿيو هو ڇاڪاڻ تہ پيار محبت جي معاملي ۾ هو سيزر کان ڪنهن طرح گهٽ نہ هو. هن ڪيترن ئي ماڻهن کي روم جي اعليٰ عهدن تي فائز بہ ڪيو. اينتوني جي روانگيءَ سبب ڪائونسل ۾ هن جي خالي



www.sindhsalamat.com

جاءِ تي ڊولابيلا نالي. پنجويهن سالن جو هڪ نوجوان منتخب ٿي آيو. اهو نوجوان نهايت لالچي، خوشامدي ۽ موقعي پرست هو. جنهن سيزر جي خوشامد ڪري اهو عهدو حاصل ڪيو هو. ان ڳالهه تي اينتوني سخت ناراض ٿيو. ان جو هڪڙو سبب اهو به هو ته اهو نوجوان ڪنهن زماني ۾ اينتوني جي زال اينتونيا جو عاشق پڻ مشهور ٿيو هو. جنهن جي ڪري اينتوني پنهنجي زال کي طلاق ڏئي، فلويا سان شادي ڪئي هئي. اينتوني اڳ ۾ ئي ڪاوڙيل هو مٿان سيزر کيس ڪو عهدو نه ڏنو ته ويتر سندس ڪاوڙ ۾ اضافو ٿي ويو. بس دير ئي نه لڳي ته افواهه اٿيو ته اينتوني، ڊولابيلا سان سيزر جي خلاف سازباز ڪري رهيو آهي.

اصل ۾ اها هڪ سازش هئي جا ڪيشيس تيار ڪري رهيو هو. ڪيشيس جيترو سٺو سپاهي هو اوترو ئي چالاڪ سياستدان به. هي نهايت خبيث ۽ بي اعتبار قسم جو ماڻهو هو.هي پومپي جو ساٿي ٿي ڪري رهيو هو. بعد ۾ سيزر کيس معاف ڪري ڇڏيو هو پر هي احسان فراموش انسان دل ۾ بغض رکي ويٺو هو. هو شهنشاهيءَ جو سخت مخالف هو ۽ هاڻي سيزر جي بادشاهيءَ جي مخالفت ڪري رهيو هو. هن آهستي آهستي پنهنجا حامي به پيدا ڪري ورتا ۽ الائي ڪيئن بروٽس کي به پنهنجو هم خيال بڻائي ڇڏيو. بروٽس اهو شخص هو جنهن تي سيزر وڏو اعتبار ڪندو هو. پر اهو ئي

بروٽس هاڻي سندس دشمنن جي قطار ۾ شامل ٿي ويو هو ۽ سيزر جي مخالفت ۾تمام گهڻو اڳتي وڌي آيو هو.

بروٽس تي سيزر جي شفقت ڪنهن کان لڪل ڪانه هئي. سيزر جا مخالف اهو به چوندا هئا ته بروٽس اصل ۾ سيزر جو ئي پٽ آهي، ڇاڪاڻ ته بروٽس جي ڄمڻ کان اڳ سيزر جا سندس ماءُ سرويليا سان گهرا واسطا هئا. پر بروٽس هميشه ان ڳالهه کي مسترد ڪندو رهندو هو. سرويليا، ڪيٽو جي ڀيڻ هئي، جنهن سيزر جي خلاف جنگ ۾ ناڪاميءَ سبب خودڪشي ڪري ڇڏي هئي ۽ بروٽس جي شادي، ڪيٽو جي ڌيءَ سان ٿيل هئي. ان حوالي سان به بروٽس جي دل ۾ سيزر جي لاءِ سخت دشمني پيدا ٿيل هئي، پر سيزر جو مٿس اعتبار به ڪمال جو هو.

سيزر جي بدقسمتي اها هئي جو بروٽس، سندس شهنشاهيءَ جي خلاف هو ۽ ڪيشيس به انهيءَ مخالفت جي ڪري بروٽس کي پنهنجي پاسي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. قاتلن بروٽس کي اڳترو ته پڙڪايو جو هو پنهنجي محسن کي به مارڻ لاءِ تيار ٿي ويو. سيزر جا مخالف مسلسل مخالفت ۾ مصروف هئا ۽ افواهه اڏاري رهيا هئا ته سيزر پارس (ايران) جي مهم لاءِ روانگيءَ کان به ڏينهن اڳ ۾ پندرهين مارچ تي شاهي تاج پنهنجي سر تي سجائيندو ۽ سازشين به ان ئي ڏينهن سندس خاتمي جو فيصلو به ڪري ورتو.



www.sindhsalamat.com

قلوپطره اجان روم ۾ ئي هئي ۽ روانگيءَ جي تياري ئي ڪري رهي هئي. ڪيس اها اميد بہ هئي تہ سيزر سچ پچ بادشاهہ ٿي ويندو ۽ هو روم جي راڻيءَ جي حيثيت ۾ پنهنجي ملڪ ڏانهن ويندي. پر سيزر ڪيس سمجهايو تہ في الحال شاهي اعلان ڪرڻ مناسب نہ آهي. پندرهين مارچ جي صبح جو هو ڪلپورينا جي گهر تي هو. ان ڏينهن هو ڪافي بيقرار هو. شايد هن جي ڇهين حس ڪيس موت جي آمد جو احساس ڏياري رهي هئي. جون ٿا تہ رڳو سيزر ئي نہ پر روم جي ڪيترن ماڻهن ان ڏينهن عجب قسم جي بيقراري محسوس ڪئي هئي. ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ آسمان ۾ هڪ پڇڙ تارو بہ ماڻهن ڏٺو هو. جيڪو روم جي ماڻهن لاءِ نهايت منحوس ثابت ٿيندو هو. جنهن مان اهو مطلب ڪڍيو ويندو هو تہ ڪا وڏي شخصيت دنيا مان لاڏاڻو ڪرڻ واري هئي.

ان ڏينهن پورو شهر ڪنهن ڳڻتيءَ ۾ مبتلا هو. هرڪو اهو ئي محسوس ڪري رهيو هو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ٿيڻو هو. هڪڙي نجوميءَ تہ اهو بہ چيو تہ اچوڪي ڏينهن سيزر جي زندگيءَ کي وڏو خطرو هو. ان ڪري هن کي گهرجي تہ هو ٻاهر نہ نڪري. خبر نہ آهي تہ اهو نجومي واقعي اصلي انترياامي هو يا هن کي ان سٽيل سازش جي ڪا ٽڪ پئجي وئي هئي.

قتل کان هڪ ڏينهن اڳ واري رات سيزر ۽ ڪلپورينا لاءِ ڏاڍي ڳري ثابت ٿي. ڪلپورينا هڪ خواب ڏٺو تہ سيزر کي قتل ڪيو پيو وڃي. نجوميءَ جي پيشنگوئي ۽ ڪلپورينا جي خواب. سيزر کي بہ ٿورو سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن هن ڪيس ٻاهر نہ وڃڻ جي التجا ڪئي تہ هن اها ڳالهہ مڃي ورتي.

ٻئي طرف سيزر جا قاتل ايوان ۾ گڏ ٿي چڪا هئا. انهن سيزر کي قتل ڪرڻ جو هنڌ چونڊي ورتو هو پر جڏهن سيزر جي ٻاهر اچڻ جا آثار نظر نہ آيا تہ اهي بدحواس ٿي ويا. اهو سوچي تہ سندن سازش جو پول نہ پڌرو ٿي وڃي. انڪري هنن سيزر جي هڪ ويجهي دوست ڊيمس اليسس کي سيزر ڏانهن اماڻيو تہ ڪيئن بہ ڪري سيزر کي ٻاهر ايوان جي پاسي وٺي اچي. ڊيمس جڏهن سيزر وٽ پهتو تہ ڪيس وڏي آرام سان وينل ڏٺائين. جنهن مان لڳو ٿي تہ هن جو ٻاهر ايوان ڏانهن اچڻ جو ڪوبہ ارادو نہ هو. هن معاملي ۾ اهو تہ چئي نہ ٿو سگهجي تہ ڊيمس ڪيس ٻاهر ايوان ۾ اچڻ لاءِ ڪيئن راضي ڪيو هوندو. پر هڪڙو امڪان اهو بہ آهي تہ سيزر جهڙي عقليت پسند اڳواڻ کي جوش ڏياريو ويو هوندو تہ هڪڙي معمولي نجوميءَ ۽ هڪ عورت جي ڳالهين تي يقين ڪري گهر ۾ ويهي رهيو هو ۽ سيزر ان ڳالهہ تي جوش مان اٿي ايوان ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو هوندو. هو ڊيمس سان گڏجي ٻاهر نڪتو. رستي ۾ ڪجهہ خير خواہ مليس. جن ڪيس خبردار ڪيو. ڪيس ساڳيو نجوميءَ بہ مليو جنهن هن



www.sindhsalamat.com

جي موت جي باري ۾ اڳواٽ ٻڌايو هو. هن ٻه سيزر کي جهلي ايوان ۾ وڃڻ کان روڪيو. پر سيزر بيپرواهيءَ وچان ايوان ۾ اچي پهتو. جتي قاتل سندس بيچينيءَ وچان انتظار ڪري رهيا هئا. انهن کي اهو ڊپ ٻه هو ته ڪٿي سندن راز فاش نه ٿي پوي. ڇاڪاڻ ته تمام گهڻي احتياط جي باوجود ڪيترن بااثر ماڻهن تائين ان سازش جي خبر پهچي چڪي هئي.

بهرحال سيزر ايوان ۾ نمودار ٿيو ته اهي ٻه هڪ گهڙيءَ لا اهو ڏسي پريشان ٿي ويا ته هن جي پويان اينتوني ٻه موجود هو ۽ هو اينتونيءَ کي قتل ڪرڻ جي حق ۾ نه هئا. ان وقت هڪ شخص ٽريسي فيٺس کي سمجهايو ويو ته وڃي اينتوني کي ڳالهين ۾ لڳائي ايوان جي ٻاهران ئي ڪيس روڪي وٺي.

سيزر ايوان ۾ داخل ٿيو پر پنهنجي جاءِ تائين پهتو ئي مس ته قاتل ٽولي ڪيس گهيري ورتو. قاتل سڀ اهي ئي هئا. جن تي سيزر جا احسان ٿيل هئا. ڪيسڪا. جنهن کي تازو ئي سيزر ترقي ڏني هئي. ڪيشيس.جنهن جي سيزر پومپيءَ جي طرفان فارسيليا جي جنگ وڙهڻ جي باوجود جان بخشي ڪئي هئي. ۽ سڀ کان وڌيڪ بروٽس جهڙو شخص. جنهن کي سيزر پنهنجي پٽ جيان پيار ڪندو هو. قاتلن هڪ ئي وقت خنجرن ۽ تلوارن سان مٿس حملو ڪري. ڪيس سڄو رتو رت ڪري ڇڏيو. پر ان جي باوجود سيزر خنجر ڪڍي مقابلو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ گهيرو ٽوڙي ايوان کان ٻاهر طرف نڪري آيو پر اوچتو حيران ٿي بيهي رهيو جڏهن هن پومپيءَ جي مجسمي وٽ بروٽس کي هٿ ۾ جهليل خنجر سان مٿس وار ڪندي ڏٺو. سيزر هن جي حملي تي ايترو ته حيران هو جو ساڻس ٿوري ٻه مزاحمت نه ڪيائين البت ايترو ضرور چيائين. ”بروٽس تون ٻه!“

ڇا ڇا نه هو ان مختصر جملي ۾. بي وفائي جو ، غم جو. بي يقينيءَ جو دل ڏارينڊڙ تاثر. اهو چوندي ئي سيزر زمين تي ڪري پيو. هن جا قاتل. جيڪي سندس پويان ڊوڙندا پئي آيا. تن اچي وري ٻه مٿس تلوارن ۽ خنجر جا وار ڪرڻ شروع ڪيا ۽ سيزر جي جسم جو هر حصو زخمي ڪري ڇڏيائون. قاتلن کي ته بس اهو ڊپ ويڙهيل هو ته ڪٿي هوان قاتلاڻه حملي کان بچي نه وڃي. اخر سيزر اتي دم ڏنو.

ٻئي ڏينهن حالتن کي معمول تي آڻڻ لاءِ عارضي معافي تلافيءَ جو اعلان ٿيو. جيڪو اينتوني جي حوالي سان ڪيو ويو. اينتوني قاتلن کان انتقام وٺڻ جي بجاءِ چالاڪي ڪري سيزر جي جاءِ سنڀالڻ جي چڪر ۾ پئجي ويو.پر ان سان گڏوگڏ هن سيزر جي قاتلن کي معاف نه ڪيو ۽ انهن کان انتقام جي چڪر ۾ رهيو. سيزر جو لاش احترام جي ڪري پورا پنج ڏينهن رکيل هو. جنهن کان پوءِ سندس آخري رسمون ادا ڪيون ويون. ان ۾ پورو روم اچي شمشان گهاٽ تي گڏ ٿيو.



www.sindhsalamat.com

ان موقعي تي اينتوني، سيزر جي ڏک ڀرڪ جذباتي مرثيو پڙهيو ۽ پاڻ بہ رئندو رهيو تہ عوام کي بہ رئاڙيندو رهيو. بهرحال هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو ۽ روم جو عوام نهايت جوش ۾ اچي ويو ۽ اهي قاتلن کي مارڻ لاءِ ڪين ڳوليندا رهيا. .

سيزر جي زال ڪلپورنيا جي حالت خراب هئي. سيزر بيشڪ مٿس ڌيان گهٽ ڏيندو هو يا قلوپطره کي سندس پهاچ ڪري آندو هئائين پر هن کي سيزر سان سچي محبت هئي. هن جي درخواست تي ئي اينتونيءَ، سيزر جي وڪيل جي ذميداري ڪنئي. سيزر جو وصيعت نامو يا جائداد وغيره جا ۽ ٻيا ضروري ڪاغذ بہ اينتونيءَ جي قبضي ۾ هئا. آخري رسمن ٿيڻ ڪانپوءِ سيزر جو وصيعت نامو پڙهي ٻڌايو ويو. هن پنهنجي وصيعت ۾ هر روميءَ کي ٽي سئو درهم ڏيڻ جو اعلان ڪيو. سندس ڳوناٺو محل ۽ ان سان ڳنڍ واري سموري جاگير عام ماڻهن لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. باقي بچيل جائداد مان ٽي ڀاڱي چار حصو آڪٽوين کي ۽ ان ڪانپوءِ واري بچيل جائداد مان اڌ اڌ سندس ڀاڻيجن کي مليو. نہ ڪلپورنيا، نہ قلوپطره نہ ئي اينتونيءَ جي حصي ۾ ڪجهہ آيو. ڇاڪاڻ تہ سيزر، سياست ۾ عهدي ۾ پنهنجو جانشين آڪٽوين کي ئي مقرر ڪيو هو.

سڀ کان وڌيڪ بدنصيب قلوپطره ثابت ٿي هئي. سيزر جي موت سبب سندس سمورا سپنا وکري ويا هئا. هوءَ تہ روم جي راڻي بڻجڻ واري هئي، پر هاڻي تہ هن کي مصر جي راڻي هئڻ تي ئي شڪر ڪرڻو پيو هو. مٿان وڏو لوڏو ڪيس سيزر جي وصيعت ڏنو. جنهن ۾ سندس ننڍڙي سيزارين لاءِ بہ ڪجهہ رکيل ڪونہ هو. هن کي تہ پنهنجي ۽ سيزارين جي جان بہ خطري ۾ نظر اچي رهي هئي. پر اها بہ هن جي خوشنصيبي هئي جو ان وقت آڪٽوين روم ۾ موجود ڪونہ هو ۽ قلوپطره کي موقعو هو تہ هوءَ ننڍڙي سيزارين جي جانشينيءَ جو اعلان ڪري ڇڏي يا روم مان نڪري ڀڄي وڃي.

ان موقعي تي قلوپطره ۽ اينتونيءَ محسوس ڪيو تہ ٻنهي جو گڏجي هڪ صلاح تي هلڻ ٻنهي جي لاءِ فائدي وارو ٿيندو. قلوپطره ڄاتو ٿي تہ آڪٽوين جي اقتدار ۾ اچڻ سان مصر جي آزادي بہ خطري ۾ پئجي ويندي ۽ ٻئي طرف اينتونيءَ جي اهميت بہ ختم ٿي ويندي. جيڪڏهن اهي ٻئي گڏجي ڪنهن ريت آڪٽوين کي رستي تان هٽائي ڇڏين تہ نہ رڳو سيزارين جي جانشني يقيني هئي پر خود اينتونيءَ جي سرپرست ٿي رهڻ سبب بہ هو وڏي عرصي تائين حڪمراني ڪري ٿي سگهيو.

اينتونيءَ، قلوپطره کي روم ۾ ئي ترسڻ جو مشورو ڏنو ڇاڪاڻ تہ هو بہ هن دولتمند ۽ حسين ملڪ جي قوت ۽ اختيار کي پنهنجي مفاد ۾ استعمال ڪرڻ ٿي چاهيو. اقتدار جي حصول جي ڪاڻ


www.sindhsalamat.com

اينتوني پنهنجي دشمن ڊولابيلا سان به ٺاهه ڪري ڇڏيو.

ان ئي وقت آڪٽوين جي اچڻ جو غلغلو اٿيو. جيڪو سيزر جي قتل ٿيڻ جي خبر ٻڌي روم جي پاسي اچي رهيو هو. آڪٽوين روم پهتو ته اينتونيءَ کيس حڪومت جون واڳون ان بنياد تي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته هو هڪ ناتجربيڪار هو. ٻيو ته سيزر جا معاملا سنڀالڻ هن جي وس جي ڳالهه نه هئي. ان ڳالهه تي فساد ته ٿيڻو ئي هو پر ڳالهه خانه جنگي تائين وڃي پهتي. قلوپطره اتان نڪري مصر پهتي.

اينتوني هڪ وڏي جهڳڙي ڪانپوءِ روم مان نڪري ويو. جنهن مان صاف نظر ٿي آيو ته هو فوج وٺي روم تي چڙهائي ڪرڻ وارو هو. پر روم جي ڪجهه هڏ ڏوکي سردارن اينتوني، آڪٽوين ۽ هڪ طاقتور جنگي سردار ليپڊس جي وچ ۾ ٺاهه ڪرائي فيصلو ڪيو ته روم ۾ گڏيل حڪومت ڪئي وڃي ۽ صوبا به انهن ٽنهي ڇٽن ۾ ورهايا وڃن.

ڪيشيس، مصر تي حملو ڪيو پر قلوپطره نهايت ڪاميابيءَ سان مصر جو دفاع ڪيو. هاڻي هوءَ پاڻ کي اڪيلي سر حڪومت ڪرڻ لاءِ تياري ڪري چڪي هئي. آڪٽوين به سيزارين جي جانشينيءَ جي ڪري قلوپطره جو دشمن هو.

پهرين ته قلوپطره کي اينتونيءَ مان ڪجهه اميد هئي پر هن آڪٽوين سان صلح ڪري قلوپطره جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو.

ٻئي سال اينتونيءَ هڪ وڏو لشڪر تيار ڪري بروٽس ۽ ڪيشيس تي چڙهائي ڪري ڏني. ڪيشيس لڙائيءَ ۾ مارجي ويو ۽ بروٽس خودڪشي ڪري ڇڏي. آڪٽوين جي هن معرڪي ۾ حصو نه وٺڻ سبب فتح جو سهرو اڪيلي سر اينتوني جي سر تي آيو. هونئن به آڪٽوين عوام ۽ خواص ۾ نهايت غير مقبول ٿي چڪو هو ۽ روم جو سڀ کان وڏو ماڻهو به اينتونيءَ کي ئي تسليم ڪيو ويندو هو. اينتونيءَ لشڪر کنيو ۽ يونان ۽ وچ ايشيا کي فتح ڪري ورتو. اها عظيم ترين ڪاميابي هئي جا اينتونيءَ جي حصي ۾ آئي هئي. هن شهر تارسس کي پنهنجو صدر مقام بڻايو ۽ اتان ئي هن قلوپطره کي صلح جو پيغام موڪلي ڳالهين جي دعوت ڏني.

قلوپطره وڏي صبر ۽ تحمل سان اسڪندريه ۾ ويهي روم جي حالتن جو جائزو وٺي رهي هئي. سيزر جي قتل سبب هن جا سپنا ضرور وکري ويا هئا پر هن جو حوصلو اجان به برقرار هو. اينتوني ۽ آڪٽوين اتحاد کي کيس ٿورو مايوس ضرور ڪيو هو پر هن ڄاتو پئي ته انهن جو اهو اتحاد گهڻا ڏينهن نه هلندو.

انهيءَ دوران جڏهن وٽس اينتونيءَ جو پيغام پهتو ته هن عظيم الشان انداز سان اوڏانهن وڃڻ جي تياري ڪئي. تارسس جو تاريخي شهر.



www.sindhsalamat.com

سڊني درياهہ کان ٿورو مٿيرو هڪ پهاڙي سلسلي ۾ ٺهيل بندرگاهہ هو. هي شهر جهاز سازيءَ جي ڪري مشهور هو. قلوپطره جو ٻيڙو بندرگاهہ تي لنگر انداز ٿيو. اينٽوني انتظار ڪري رهيو هو تہ قلوپطره ٻيڙي تان لهي هيٺ اچي، مگر قلوپطره پنهنجي ٻيڙي تي آرام سان ٿي ويٺي رهي. اينٽوني شرمندگي محسوس ڪندي ڪيس محل ۾ اچڻ جي دعوت ڏني پر قلوپطره سندس دعوت قبول ڪرڻ بجاءِ ڪيس جوابي دعوت ڏني، جا اينٽونيءَ قبول ڪئي.

دعوت ۾ قلوپطره ڪجهہ اهڙي قسم جي شان ۽ شوڪت جو مظاهرو ڪيو جو اينٽوني ۽ ان جا رفيق دنگ رهجي ويا. پر اينٽونيءَ کي جنهن ڳالهہ گهڻو متاثر ڪيو اها خود راڻي قلوپطره جي ذات هئي، جنهن ۾ شاهي وقار ۽ هڪ خاص دلربائيءَ وارو انداز موجود هو. قلوپطره کي بہ سيزر ڪانپوءِ شان شوڪت جي حوالي سان اينٽوني ئي شاندار شخص نظر آيو.... سيزر جهڙو قابل جرنيل ۽ سياستدان، جنهن جي دل ۾ بہ سيزر جيان ئي بادشاهہ ٿيڻ جي خواهش هئي. قلوپطره لاءِ اهو ئي موقعو هو تہ هوءَ پنهنجي منصوبن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اينٽونيءَ کي پاڻ ڏانهن مائل ڪري. سيزارين بہ اجان ننڍو هو. جنهن جي جوان ٿيڻ تائين هن کي اهڙي ئي سهاري جي ضرورت هئي، جيڪو سيزارين کي دشمنن کان بچائڻ ۾ مدد ڏئي سگهي.

تارسس ۾ رهندي اينٽوني پنهنجي نون منصوبن تي غور ويچار ڪري رهيو هو پر انهيءَ لاءِ گهربل ناڻو وٽس نہ هو پر جڏهن هن قلوپطره جي سخاوت کي ڏٺو تہ سندس اکين آڏو مصر جي دولت ڦرڻ لڳي. مصر جي دولت جو اندازو سيزر کي تہ هو پر اينٽوني اجان ان کان اڻواقف هو، چاڪاڻ تہ روم جي گهٽي تٽي آمدنيءَ جو ذريعو جنگين مان ڦريل لٽيل مال دولت هئي. قلوپطره کان سواءِ سندس خاندان ۾ اڪيلي زنده رڳو هڪ عورت شهزادي آرسينو هئي، جيڪا قبرص جي آرتيس مندر ۾ رهندي هئي. هن کي قبرص جي حڪومت ڏنل هئي جيڪا بہ عملي طور قلوپطره جي ئي حڪومت هئي. ان جو گورنر سيرافين، آرسينو جي دٻاءَ ۾ هو چاڪاڻ تہ ڪيس آرتيس جي مهاپوڄاريءَ جي حمايت حاصل هئي ۽ ان دٻاءَ جي ڪري ان سيرافين، قبرص جو بحري ٻيڙو ڪيشيس جي حوالي ڪري ڇڏيو هو، جنهن ڳالهہ تي اينٽوني، قلوپطره کان ناراض هو.

قلوپطره سندس اها ناراضگي ائين ختم ڪئي جو هن هڪ فوجي دستو قبرص روانو ڪيو، جنهن آرسينو سان گڏ سيرافين کي بہ قتل ڪري ڇڏيو. بهرحال هوءَ جنهن مقصد سان ڏگهو سفر ڪري تارسس آئي هئي اهو پورو ٿيو. اينٽوني دل وجان سان هن جي حمايت لاءِ تيار ٿي ويو. هن کي قلوپطره جي غير معمولي حسن سان گڏوگڏ هن جو سياسي تدبر بہ وڻيو هو.


www.sindhsalamat.com

## سيزر جي جانشين جي حيثيت

۾ اينتونيءَ جي ذهن ۾ اهي سمورا منصوبا هئا. جن کي سيزر اڳ ۾ ڇڏي موت کي گلي لڳايو هو. منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ کيس پهرين روم کي پنهنجي مڪمل حمايت تي آماده ڪرڻو هو. هن في الحال آڪٽوين سان لهه وچڙ ڪان پاسو ڪرڻ چاهيو. پر روم جون حالتون ڏينهون ڏينهن خراب پئي ٿيون . آڪٽوين، فليپيءَ جي جنگ ۾ اينتونيءَ جي دوستن کي استعمال ڪيو پر جڏهن ڦريل مال جي تقسيم ڪرڻ جو وقت آيو ته آڪٽوين کين نظرانداز ڪري ڇڏيو. ان معاهدي جي خلاف ورزيءَ سبب اينتونيءَ جي زال فلويا ۽ ڀاڻس لوشيس انطونس، آڪٽوين جي خلاف جنگ جي تياري ڪئي. اينتوني انهيءَ جنگ لاءِ تيار نه هو ڇاڪاڻ ته هن پارس جي سلطنت جي خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو منصوبو سٽيو هو. جنهن لاءِ کيس مصر جي دولت، بحري ٻيڙا ۽ فوجي طاقت گهربل هئي ۽ اها طاقت صرف قلوپطره سان اتحاد جي صورت ۾ حاصل ٿي سگهي ٿي. اينتوني روم جي بدران اسڪندريه وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پنهنجي هڪ جرنيل ڊيسڊس کي پنهنجو نائب مقرر ڪيو.

اينتوني کي تڪڙ هئي ڇاڪاڻ ته کيس اطلاع مليو هو ته پارس جي بادشاهه هڪ غدار رومي ڪمانڊر پيڪورس جون خدمتون حاصل ڪيون هيون. جيڪو پارس جي فوجي دستن کي رومي طريقي سان جنگ ڪرڻ جي تربيت ڏئي رهيو هو. ان ڳالهه مان ظاهر ٿيو پئي ته پارس جو بادشاهه جلدئي رومي سلطنت جي خلاف ڪاروائي ڪرڻ وارو هو. اينتوني سندس اڳرائي ڪرڻ کان اڳ ئي پارس جي سلطنت تي حملو ڪرڻ ٿي چاهيو.

روم ۾ جنهن جنگ لڳڻ جو خطرو هو. اينتونيءَ کي پهرين اوڏانهن وڃڻ گهربو هو پر هن جي خيال ۾ پارس جي بادشاهه جي حملي کي روڪڻ وڌيڪ اهم هو انڪري هن اسڪندريه وڃڻ جو فيصلو تبديل نه ڪيو. جڏهن هو اسڪندريه پهتو ۽ سندس جهاز بندرگاهه تي لنگر هنيو ته دلنواز قلوپطره سندس استقبال لاءِ اتي اڳ ۾ ئي موجود هئي. قلوپطره رڳو محل جا ئي نه پر دل جا درواز به هن جي لاءِ کولي ڇڏيا هئا ۽ کيس پنهنجي پرجوش رفاقت ۾ ايترو ته محو ڪري ڇڏيائين جو هو روم ۽ تارسس کي به وساري ويٺو. قلوپطره هن جي هوش ۽ حواسن تي قابض ٿيڻ پئي چاهيو. هو به ڪجهه وڌيڪ ئي قلوپطره جي محبت ۾ ديوانو ٿي ويو. هوئنئن به سيزر جي مقابلي ۾ اينتوني ڪجهه وڌيڪ ئي جذباتي شخص هو ۽ اهو بلڪل به وساري ويٺو هو ته هو اسڪندريه ڪهڙي مقصد سان آيو هو.

مصر جي عوام قلوپطره ۽ اينتونيءَ کي به ائين ئي قبول ڪري ورتو هو جيئن انهن سيزر ۽ قلوپطره کي قبول



www.sindhsalamat.com

سپهه سالارن پارس جي فوجن کي ٻه دفعا ميدان جنگ ۾ شڪست ڏئي شام ۾ فونيشيا جا صوبا واپس وٺي ڇڏيا هئا. جنهن ڪري ٻه اينتونيءَ جي مقبوليت ۾ زبردست واڌ آئي هئي.

اينتونيءَ ۽ آڪٽوين جي وچ ۾ ٿيل معاهدي جو عرصو ختم ٿيو ته ان جو مدو پنجن سالن لاءِ ٻيهر وڌايو ويو. هن معاهدي ۾ اينتونيءَ پنهنجي حليف ۽ محسن سلنس پومپيس کي قربان ڪيو. نئين صلح جي معاهدي تحت اينتونيءَ کي پارس کي فتح ڪرڻ لاءِ ايڪويهه هزار فوج ڏني وئي ۽ ان جي بدلي ۾ هڪ سئو ٽيهه پاٽيءَ جا جهازڪائنس ورتا ويا. انُ جو مقصد بهرحال اسڪينيس کي تباه ڪرڻ هو. اينتونيءَ فوج ته حاصل ڪري ورتي پر وٽس پاٽيءَ وارا جهاز گهٽ هئا ۽ پارس جي خلاف مهم ۾ انهن جي تمام گهڻي ضرورت هئي. هاڻ کيس قلوپطره ياد آئي، جنهن وٽ هڪ تمام وڏو ۽ طاقتور ٻيڙو موجود هو. هن پهرين پنهنجي زال آڪٽويا کي واپس روم وڃڻ جو حڪم ڏنو، جنهن کانپوءِ اينتونيءَ، قلوپطره کي اسڪندريه ڏانهن پيغام موڪليو ته هوءِ ساڻس اچي ملي. هن کي پڪ هئي ته قلوپطره بنا دير جي هلي ايندي پر قلوپطره اڳ ۾ ئي مصر جي دولت هن جي حوالي ڪري ڌوڪو کائي چڪي هئي. هن مصر جي دولت ۽ قلوپطره کي گهڻو استعمال ڪيو هو ۽ جڏهن ويو ته وري کيس منهن ڏيکارڻ به مناسب نه ڄاتائين. ايستائين جو هن کي پنهنجي ڄاڻن ٻارن جي سڪ به نه ستايو. پرهڪ حقيقت هن جي آڏو اها به هئي ته اينتونيءَ جي مدد کانسواءِ مملڪتي معاملا سنڀالڻ به هن لاءِ مشڪل هئا. قلوپطره جي دل ۾ اها ڳالهه به واضع هئي ته اينتوني هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجو عروج حاصل ڪري ورتو آهي، جنهن ڪري هن فيصلو ڪيو ته ڪا سوچ ويچار ڪري اينتونيءَ سان ملڻ گهرجي. ان حوالي سان پاڻ ايٿينز وڃڻ بجاءِ، هن اينتونيءَ کي پيغام موڪليو ته هو انطاڪيا اچي ساڻس ملاقات ڪري.

37 قبل مسيح ۾ اينتونيءَ ۽ قلوپطره انطاڪيا جي مقام تي مليا ته پراڻي رفاقت جي دڪيل چڻنگ هڪ ڀيرو ٻيهر ٻرڪي پئي ۽ جڏهن ڳلي لڳا ته سڀ ڏک ڏوراپا به جهڙوڪر ختم ٿي ويا. ڪجهه ڏينهن ته هو سالن جي وڇوڙي جي ڪسر ڪڍندا رهيا، پوءِ جڏهن هوش سنڀاليائون ته سياسي معاملن تي غور ڪرڻ لڳا. هن ڀيري قلوپطره ڪجهه واضع شرط اينتونيءَ جي آڏو رکيا. پهريون اهو ته هو ساڻس شادي ڪندو، ان لاءِ کيس آڪٽويا کي طلاق به ڏيڻي پوي ۽ هن شاديءَ کي روم جي ايوان مان منظور ڪرائيندو. مصر ۾ هو بادشاهه جو لقب اختيار نه ڪندو ۽ نه ئي سپهه سالار سڏائيندو، ڇاڪاڻ ته اهو خطاب صرف سيزر جي خاندان لاءِ مخصوص ٿيل هو. نه ئي هو مصر جي اندروني سياست ۾ دخل ڏيندو. ٽيون ته اينتوني مصر جي حدن کي ايترو پکيڙيندو



www.sindhsalamat.com

جيترو اچ کان چوڏهن صديون قبل فرعون اخناتون جي زماني ۾ هيون.

پنهنجي شرطن جي قبوليت جي بدلي ۾ قلوپطره کيس يقين ڏياريو تہ مصر جي سموري فوجي طاقت ۽ معاشي دولت هن جي لاءِ وقف هوندي. قلوپطره جا پهريان بہ شرط تہ انتونيءَ انطاڪيا ۾ ئي پورا ڪيا. هن قلوپطره کي پنهنجي قانوني زال بڻايو ۽ هن سان شادي ڪري، ان ڏينهن جو يادگار سڪو جاري ڪيو، جن تي هڪ ئي وقت پنهي جون شڪليون چٽيل هيون. اها رڳو سياسي شادي نہ هئي پر انتونيءَ دل سان قلوپطره کي زال قبول ڪري ورتو هو.

هاڻي هو پوري سرگرميءَ سان پارس جي خلاف مهم جي منصوبا بندي ڪرڻ لڳو. جيڪا سيزر جي عزم جو تسلسل هئي. قلوپطره ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ في الحال ان مهم کي ملتوي ڪري وڃي، ۽ ان کان اڳ پنهنجي ڪسجي ويل علائقن ۾ پنهنجي طاقت وڌائي يا جنگي مهم تي هن کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي هلي. پر انتونيءَ سندس بئي ڳالهيون نہ مڃيون ۽ کيس اسڪندريہ روانو ڪري ڇڏيو. هن نہ ٿي چاهيو تہ قلوپطره جيڪا هڪ ڀيرو پيهر پيٽ سان هئي، سفر جون تڪليفون برداشت ڪري، چاڪاڻ تہ اها نهايت مشڪل مهم هئي.

قلوپطره خشڪيءَ جي رستي مصر جي طرف رواني ٿي وئي. عراق ۽ شام کان ٿيندي، هوءَ فلسطين جي علائقي ۾ داخل ٿي. قلوپطره حمل جي آخري ڏينهن ۾ هئي، ان ڪري هن اسڪندريہ سفر ڪرڻ جو ارادو لاهي ڇڏيو ۽ پاڻ قاهره ۾ ترسي پئي. انهن ڏينهن ۾ هوءِ مستقبل جا سهڻا سهڻا سپنا سرجي رهي هئي. انتوني، پارس جي سلطنت جي سر سر ساڻ وڃائي، فتح حاصل ڪري واپس ايندو ۽ پوءِ روم پاڻ ئي سندس قدمن ۾ اچي پوندو. هو اوير ۽ اولهہ جي بادشاهہ وارو تاج پائيندو ۽ هوءَ ملڪ عاليہ بڻبي. هن جو پٽ سيزارين ولي عهد ٿيندو. خوشيون پيدا ڪندڙ انهن خوابن ۾ گذرندڙ وقت سان گڏوگڏ نيٺ هن جي ٻار ڄڻڻ جو وقت اچي ويو. نومبر جي مهيني ۾ قلوپطره هڪڙي پٽ کي جنم ڏنو. جنهن جو نالو خانداني طور تي بطليموس تجويز ڪيو ويو.

قلوپطره ويم مان اجان پاڻ سنڀاليو ئي مس هو تہ قاصد شام جي طرف کان هڪ منحوس خبر کڻي اچي پهتو. انتونيءَ جي پارس فتح ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام ٿي هئي. رستي جي تڪليفن ۽ ڪاڏي جي کٽي وڃڻ سبب، خونخوار پارسين ( ايرانين)، رومين ۽ انهن جي حليف بادشاهہ جي لشڪر کي تهس نهس ڪري ڇڏيو هو. انتوني باقي بچيل لشڪر سان گڏ ڏاڍي مشڪل سان شام تائين پهتو تہ هن راڻيءَ کي پيغام موڪليو تہ مدد لاءِ هڪدم ڪمڪ ساڻ ڪري پهچي وڃي.

قلوپطره اهڙين مشڪل حالتن کي ڏسي گهبرائڻ واري عورت نہ هئي ۽ هاڻي تہ انتوني سندس دشمن نہ پر مڙس


www.sindhsalamat.com

هو. جنهن ڪري هڪدم اسڪندريه وجي شاهي ٻيڙو تيار ڪري شام جي طرف رواني ٿي وئي. جتي اينتوني ساموندي ڪناري جي پر واري قلعي ۾ موجود هو. اينتوني اٽڪل هڪ لک فوج سان ڪري آيو هو ۽ پارس تي هڪ ئي وقت ٻن پاسن کان حملو ڪيو هئائين. جنهن مان هڪ حصي جي ڪمان پاڻ سنڀالي هئائين ته ٻئي پاسي فوج جي ڪمان شاهه آرمينيا جي حوالي هئي. هن حملي ننڊ ۾ ستل پارسين کان چرڪ ڀرائي ڇڏيا. ايراني فوج جي جرنيلن ترت بهترين حڪمت عملي جوڙي ورتي ۽ هن اينتونيءَ بجاءِ شاهه آرمينيا جي فوج تي حملو ڪري ڏنو. اهو حملو ايترو ته اوچتو ٿيو جو شاهه آرمينيا وڏي مشڪل سان پنهنجي جان بچائي آرمينيا جي پاسي ڀڄي ويو. هن جي تمام گهٽي فوج مارجي وئي ۽ رسد به ايرانين جي هٿ لڳي وئي. ٻئي پاسي اينتوني ٻي ڏڙڪ ميڊيا جي گاديءَ جي هنڌ تائين پهچي ويو هو. اها به ايرانين جي ئي حڪمت عملي هئي جو انهن رومين سان مقابلي ڪرڻ جي بدران انهن کي ٽڪائڻ ٿي چاهيو. انهن شهر جي بچاءُ جو انتظام ايترو ته زبردست نموني سان ڪري ڇڏيو هو جو ڪيترن مهينن جي گهيري جي باوجود رومي ان شهر کي فتح نه ڪري سگهيا. مٿان شاهه آرمينيا واري فوج جي تباهيءَ اينتونيءَ جا هوش اڏائي ڇڏيا. هن جي رسد به پوري ٿيڻ واري هئي. اهڙين حالتن ۾ موت ڪاٺڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو نه هو. هن عزت سان هار مڃڻ لاءِ پارس جي شاهه کان مطالبو ڪيو ته قيدي ۽ جهنڊا واپس ڪيا وڃن ته هو گهيرو ختم ڪري واپس هليو ويندو. پارس وارن اها ڳالهه مڃي هن سان صلح ڪيو. پر جڏهن هو گهيرو ختم ڪري واپس وڃڻ لڳو، ته ايرانين معاهدي جي خلاف ورزي ڪندي اينتونيءَ جي فوج تي حملو ڪري ڇڏيو. ان نازڪ مرحلي ۾ اينتونيءَ هوش کان ڪم ورتو. هو فوجين جا حوصلا وڌائيندو رهيو ۽ ائين هڪ مهيني جي مسافريءَ ڪانپوءِ هو اچي آرمينيا پهتا. جتي اڳي ئي زخمي فوج موجود هئي. حساب ڪيو ويو ته خبر پئي ته اٽڪل سٺ هزار فوج مارجي وئي هئي. باقي چاليهه هزارن مان به اٽڪل اٺ هزار ڪن سپاهي بک ۽ موسم جي سختيءَ ڪري مري کپي ويا هئا.

قلوپطره شام پهتي ۽ اينتونيءَ کي اسڪندريه وٺي وئي. فوج کي حڪم ٿيو ته اها شام جي دفاع ۾ جنبجي وڃي. قلوپطره اڳ ۾ به پارس تي حملي جي خلاف هئي. هن جو چوڻ هو ته پهرين آڪٽوين جو انت آڻڻ ۽ ان ڪانپوءِ مصر تي قبضو ضروري هو. هاڻي به هوءَ اينتونيءَ کي اهو سمجهائي رهي هئي. ڳالهه شايد اينتونيءَ جي دماغ ۾ ويهي ها پر انهن ڏينهن ۾ اينتونيءَ جو حليف شاهه پونٽس، جيڪو پارس واري جنگ ۾ جهلجي پيو هو. سو اوچتو اسڪندريه اچي پهتو. جنهن کي شاهه ميڊيا، صلح جي پيغام سان گڏ اماڻيو هو ته ان جي پارس جي شاهه سان



www.sindhsalamat.com

اٿبٽت تي  پئي هئي. سو هاڻي جيڪڏهن اينٽوني همٿ ڏيکاري تہ هو جنگ ۾ ساڻس ساٿ ڏئي سگهي ٿو. اهو پيغام ملندي ئي اينٽوني ٽپ ڏئي اٿيو. هن جي لاءِ پنهنجي ذلت جو بدلو وٺڻ جو اهو نادر موقعو هو. هن قلوپطره جي مخالفت جي بہ پرواهہ نہ ڪئي. جيڪا مشرقي فرمانروائن جي منافقت ڪان پلي پت واقف هئي.

اينٽوني جڏهن سندس ڪا ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ ٿيو تہ لاچار قلوپطره بہ مٿس شرط وڌو تہ هوءَ بہ ساڻس گڏ هلندي. قلوپطره کي اينٽونيءَ سان سچ پچ تمام شديد محبت هئي. سيزر سان هن جو تعلق حڪومتي منصوبن جي سلسلي ۾ هو پر اينٽونيءَ سان ڪيس واقعي محبت هئي، ان ڪري ئي هوءَ سندس هر ڳالهہ ۾ ساٿ ڏيندي هئي. ميڊيا وڃڻ لاءِ، اينٽوني، قلوپطره سان گڏ شام پهتو تہ ڪيس آڪٽويا جي اچڻ جي خبر ملي، جيڪا اٿينز اچي رهي هئي. اها شايد آڪٽوين جي شرارت هئي. آڪٽويا کي موڪلڻ مان هن جو مقصد اهو بہ هو تہ اينٽوني سندس بيعزتي ڪري تہ ڪيس اينٽونيءَ سان پڙڻ جو بهانو ملي وڃي. آڪٽويا سان بہ هزار تجربيڪار فوج ساڻ هئي. آڪٽوين، اينٽونيءَ جي ڏنل جنگي جهازن جي قيمت چڪائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. اينٽونيءَ کي آڪٽويا جي اچڻ جي ذري بہ پرواهہ ڪانہ ڪئي پر قلوپطره پريشان ٿي وئي، ڇاڪاڻ تہ هوءَ آڪٽوين جي چال کي سمجهي وئي هئي. ۽ اهڙي وقت تي جڏهن اينٽوني، پارس جي طاقتور حڪومت جي خلاف جنگ ڪرڻ وارو هو، هن جو آڪٽوين سان اختلاف تباهي پيدا ڪري ٿي سگهيو. مٿان هن کي آڪٽويا کان بہ خطرو محسوس ٿي رهيو هو. پهرين بہ اينٽوني ان خوبصورت ۽ نوجوان ڇوڪريءَ جي ڪري ڪيس وساري ويٺو هو. اهي ڳالهيون ٻڌي، قلوپطره، اينٽونيءَ کي واپس اسڪندريہ وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي پر اينٽونيءَ جي حالت ان زخمي نانگ جهڙي هئي، جيڪو پلٽو ڪائي دشمن ڪان وير وٺڻ چاهيندو هجي.

شام اچڻ ڪانپوءِ هن کي شاهہ آرمينيا جي طرف ڪان اطاعت نامون موصول ٿيو، جنهن ڪري اينٽونيءَ کي هيءَ مهم هاڻي آسان لڳڻ لڳي. قلوپطره، اينٽونيءَ تي پنهنجي سياست ۽ خوشامد جو اثر ٿيندي نہ ڏٺو تہ خاص عورتاڻا انگل استعمال ڪرڻ لڳي. کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنائين. گهٽو ڪري منهن تي ڪپڙو وجهي ويٺي هوندي هئي. اينٽوني سامهون ايندو هوس تہ روئڻ شروع ڪري ڏيندي هئي. سينگار ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنائين. هن اينٽونيءَ کي صاف صاف چئي ڇڏيو تہ جيڪڏهن هو اوير جي ملڪن جي مهم تي ويو تہ ڪيس وري جيئرو ڏسي نہ سگهندو. قلوپطره جي خوش قسمتي جو اينٽونيءَ جي هڪ مشير ۽ ڪجهہ جنرلن بہ ان مهم جي مخالفت ڪئي.

لاچار اينٽونيءَ کي قلوپطره جي ضد جي اڳيان جهڪڻو پيو ۽ سياري جي مند اسڪندريہ ۾ گذاريائين. جنهن دوران



www.sindhsalamat.com

اينتوني پنهنجي صوبي کي منظم ڪرڻ ۾ مصروف رهيو. هن ظاهري طور تہ قلوپطره جي ڳالهہ مڃي ورتي هئي پر پارس جي خلاف مهم هن جي دماغ مان ڪانہ نڪتي هئي. 34 قبل مسيح جي بهار جي موسم ۾ هو هڪ ڀيرو ٻيهر شام پهتو ۽ شاهہ آرمينيا کي مشوري لاءِ سڏايائين. پر هن جي دل ۾ چور هو، جنهن ڪري هن اچڻ کان انڪار ڪيو. اينتونيءَ کي بہ متس چڙهائي ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. هن شاهہ آرمينيا کي گرفتار ڪري، پوري ملڪ کي تهس نهس ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. هن جي فوج سندس حڪم تي عمل ڪرڻ ۾ دير بہ ڪانہ ڪئي ۽ گهڙيءَ ۾ آرمينيا بربادي جي تصوير بڻجي ويو. ان ڪانپوءِ شاهہ ميڊيا سان گفتگو ڪانپوءِ معاهدو ٿيو ۽ ان صلح جي عيوض. شاهہ ميڊيا، پنهنجي ڌيءَ جي اليگزينڊر هيلوس سان شادي ڪرائي ڇڏي.

ان سال اينتونيءَ آرمينيا جي فتح جو جشن اسڪندريہ ۾ ملهائي هرڪنهن کي حيران ڪري ڇڏيو. هي پهريون موقعو هو جو ڪنهن رومي جرنيل پنهنجي فتح جو جشن روم کان ٻاهر ڪنهن شهر ۾ ملهايو هو. هي جشن ايترو تہ زبردست هو جو ان جو پڙاڏو هر طرف پکڙجي ويو. جلوس جي موقعي تي، ڦريل مال سان ڀريل ڇڪڙا ۽ هزارين جنگي قيدي بہ هئا. شاهہ آرمينيا زنجيرن ۾ جڪڙيل عوام جي اڳيان گذري رهيو هو. آخر ۾ تمام وڏي دعوت ٿي جنهن ۾ اسڪندريہ جو هر شخص شريڪ ٿيو. جنهن ڪانپوءِ اينتونيءَ انعام ۽ اعزاز تقسيم ڪيا. قلوپطره کي ملڪ عالم جو خطاب مليو. سيزارين کي شهنشاهہ جو خطاب مليو. جيڪو جوانيءَ ۾ قدم رکي چڪو هو. هو سموري مصري حڪومت جو حڪمران قرار ڏنو ويو. اليگزينڊر هيلوس کي آرمينيا ۽ ميڊيا سان گڏ پارس جي حڪومت بہ ڏني وئي. ميڊيا جو شاهہ اڳ ۾ ئي پنهنجي هن ننڍڙي ڄاڻي کي ولي عهد بنائڻ جو فيصلو ڪيو هو. قلوپطره سيلين کي لبيا ۽ اتر آفريڪا جي حڪومت ملي ۽ بطليموس کي شاهي صوبا مليا.

ڏسڻ ۾ تہ اينتوني خوشقسمتيءَ جي جهولن ۾ جهلي رهيو هو پر اهو رڳو قلوپطره ئي ٿي ڄاتو تہ روم جي حڪومت کان محروميءَ هن جي دل ۾ ڪهڙو ناسور پيدا ڪري ڇڏيو هو جو سموري دنيا جي بادشاهيون ملي بہ سندس ان هڪڙي محروميءَ جو پورائو نہ پئي ڪري سگهيون. اينتوني تہ انهيءَ غم کي شراب ۽ سلطنت جي عياشين ۾ وندرائي رهيو هو پر قلوپطره اندر ئي اندر ڪڙهندي پئي رهي. هوءَ هر وقت هن کي مرد ٿي انهن مسئلن سان منهن ڏيڻ لاءِ اڀاريندي پئي رهي، پر اينتوني ويو ٿي پوئتي پوندو. هن لاءِ هاڻي جنگ جي ميدان کان وڌيڪ محل جي وندر ۾ وڌيڪ سڪون ٿي مليو. شراب نوشيءَ کيس ايترو تہ بيخود ڪري ڇڏيو جو هن پنهنجي وقار ۽ دٻدٻي کي وساري ڇڏيو. هو معمولي نوڪرن سان


www.sindhsalamat.com

بي تڪلفيءَ سان پيو ملندو جلندو هو. عام لباس پائي اسڪندريہ جي شهر ۾ پيو گهمندو ڦرندو هو. خود قلوپطره پريشان ٿي وئي جو هاڻي تہ ماڻهن مٿانهن آڱريون کڻڻ شروع ڪري ڏنيون هيون ۽ اهي سندس مذاق اڏائڻ لڳا هئا پر انٽونيءَ کي انهن ڳالهين جي پرواهہ ئي ڪانہ هئي. قلوپطره چاهيو ٿي تہ هو روم جي حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺي پر هو سندس ڳالهہ هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪان لنوائي ڇڏيندو هو.

33 قبل مسيح ۾ انٽوني پنهنجي قبضي ڪيل علائقن جي دوري تي نڪتو. ٻئي پاسي قلوپطره کي آڪٽوين جي ڳُٽيءَ ورتو تہ ان سال امن جي معاهدي جو عرصو ختم ٿي رهيو هو ۽ سندس ارادو هو تہ هو انٽونيءَ جي خلاف جنگ ڪري. آڪٽوين روم اندر ڏاڍ ۽ ظلم جو هڪ طوفان پيدا ڪري ڇڏيو هو. شام مان انٽونيءَ ڪيس ڪاوڙ وارو خط موڪليو. جنهن جو بہ هن ڪاوڙ مان ئي جواب ڏنو. انٽوني انهيءَ زباني لڙائيءَ کان اڳتي قدم کڻڻ لاءِ تيار بہ نہ هو. انڪري هن اسڪندريہ جي بجاءِ ايفيس کي گاديءَ جي حڪومت بنائڻ جو فيصلو ڪيو تہ قلوپطره هن جي ان فيصلي تي پريشان ٿي وئي. هن دل جهلي انٽونيءَ کي چيو، ” هي وقت پاڻ ۾ اختلاف ڪرڻ جو نہ آهي. بلڪ اسان کي آڪٽوين سان مقابلي لاءِ تيار ٿي وڃڻ گهرجي.“

قلوپطره جي اها ڳالهہ انٽونيءَ جي دل ۾ کپي وئي ۽ هن جنگ جي تياري ڪئي. وڌ ۾ وڌ فوج گڏ ڪرڻ لاءِ هن چئني پاسي ماڻهو ڊوڙايا. رسد جا بي شمار جهاز انهن ڪانسواءِ موجود هئا. قلوپطره جنگي تياريءَ لاءِ مصر جي خزاني جا دروازا کولي ڇڏيا. اها هن جي ذاتي جنگ بہ هئي، جنهن ۾ ڪاميابيءَ سبب، سيزارين جي لاءِ دنيا مٿان شهنشاهيءَ ڪرڻ جا رستا کلي پون ها. مصري ٻيڙي ۾ ٻن سون کان وڌيڪ جهاز هئا ۽ انهن کان ٻيٽا تہ خود انٽونيءَ جي ٻيڙي ۾ بہ شامل هئا. جنگ جي لاءِ انٽونيءَ، ايفيس کي گاديءَ جو هنڌ بڻايو هو. جيڪو دنيا جي ستن عجوبن مان هڪ هو جتي ڊائنا ديويءَ جو مندر پڻ هو.

جن علائقن مان فوجي مدد ۽ رسد جي طلب ڪئي وئي هئي اتان جهازن جا جهاز سامان ڪٽي اچي رهيا هئا. ان وچ ۾ قلوپطره بہ پنهنجو ٻيڙو ساڻ ڪري اتي پهچي وئي. هوءَ پاڻ سان تمام گهڻي رقم بہ کڻي آئي هئي، جنهن جي انٽونيءَ کي گهڻي ضرورت بہ هئي. چاڪاڻ تہ ان ڳالهہ جو احساس بہ انٽونيءَ جي سيني ماتحت علائقن کي هو تہ جيڪڏهن انٽوني هيءَ جنگ هارائجي ويو تہ پوءِ آڪٽوين بيهر انهن جي ملڪن کي روم جي صوبن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو.

آڪٽوين نهايت ڪوڙو ۽ مڪار ثابت ٿي چڪو هو. مٿان انٽونيءَ بہ پنهنجي اصل مقصدن کي لڪائيندي، هڪ


www.sindhsalamat.com

جوشيلي تقرير ڪندي اعلان ڪيو تہ هو روم کي هڪ ظالم حڪمران جي چنبي مان آزاد ڪرڻ ۽ اتي حقيقي جمهوريت قائم ڪرڻ ٿو چاهي ۽ هو سيزارين کي سيزر جي پٽ جي حيثيت ۾ ان کي ان جو حق ڏيارڻ ٿو چاهي. ان اعلان نہ رڳو اٽليءَ پر قبضي ڪيل علائقن ۾ هڪ جوش ۽ ولولو پيدا ڪري ڇڏيو چو تہ آڪٽوين جي سختيءَ کين ان ڪان مخالف بڻائي ڇڏيو هو.

روم جي سينيٽ جا بہ ڪيترائي ماڻهو اچي اينٽونيءَ سان مليا. انهن مان ڪجهہ کي قلوپطره جي موجودگيءَ تي سخت اعتراض هو. آخرڪار طئي ٿيو تہ اينٽوني قلوپطره کي اسڪندريہ موڪلي ڇڏيندو. اهـا ڳالهہ بـڌي قلوپطـره کـي اينٽونيءَ جي نيت تي شڪ پيدا ٿيڻ لڳو تہ شايد انٽوني ڪم نڪتو ڊڪڻ وسريو واري مقولي تي عمل ڪري رهيو هو. اهو سوچي هن وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اينٽونيءَ جي مشيرن کي مال ملڪيتن سان نوازي پنهنجي حمايت تي راضي ڪيو. پرسياسي تدبر جي باوجود محض شڪ جي بنياد تي قلوپطره اهو غلط فيصلو ڪيو هو.

اينٽونيءَ کي سندس مشيرن سمجهايو تہ ملڪ جي موجودگي ڪيمپ ۾ ضروري آهي، هن جي موجودگيءَ سبب مصري دستا ۽ بحري بيڙا پنهنجي جان واري ڇڏيندا ۽ هوءَ ٿي تہ سموري جنگ جو مالي سهارو هئي. اينٽوني تہ راضي ٿي ويو پر قلوپطره ۾ هن جي رويي ۾ ٿوري گهاري ضرور پئجي وئي. هن جو خيال هو تہ قلوپطره سندس سر تي سوار رهندي سياسي مصلحتن کي نظر انداز ڪري رهي هئي ۽ ٻئي طرف قلوپطره جو خيال هو تہ اينٽوني کيس وري کو ڌوڪو ڏيڻ وارو هو. هن سندس ڪٿي ڪٿي مدد نہ ڪئي هئي. پهرين پارس جي ناڪام مهم ڪانپوءِ ۽ هاڻي جڏهن هن کي آڪٽوين جهڙي طاقتور دشمن سان مقابلو ڪرڻو هو تہ هن اينٽونيءَ کي نہ رڳو مصري بيڙو ڏنو نہ پر پورو خزانو بہ ڏئي ڇڏيو هو ۽ هاڻي چند صلاحڪارن جي چوڻ تي هو کيس اسڪندريہ اماڻي رهيو هو. اوچتو کيس اهو بہ اطلاع مليو تہ اينٽوني، آڪٽوين سان صلح ڪرڻ وارو هو. اها ڳالهہ ٻڌي قلوپطره جي حواسن رهيل کهيل ڪم بہ ڪرڻ ڇڏي ڏنو. جيڪڏهن انهن ٻنهي جو صلح ٿي ٿي ويو تہ قلوپطره جو خير نہ هو. ان ڪري هن لاءِ اهو ضروري ٿي پيو تہ صلح واري ان صورتحال کي ناڪام بڻائي. قلوپطره انهن عورتن مان هئي جيڪي ارادو ڪنديون آهن تہ انهن جي پوري ڪرڻ لاءِ رستو بہ ڳولهي وٺنديون آهن. ان خيال کان قلوپطره، اينٽونيءَ کي چيو، ”ويچاري آڪٽويا کي ڪيستائين پنهنجي جند سان اڙائي رکندين، بهتر ائين آهي تہ هن کي طلاق ڏئي آزاد ڪري ڇڏ.“

اها ڳالهہ رومي سينيٽ جي ميمبرن تائين پهتي تہ انهن وري آڪٽويا



www.sindhsalamat.com

جي حق ۾ مهم هلائڻ شروع ڪري ڏني. اينتوني وڏي ڪشمڪش ۾ ڦاسي پيو. پنهنجي حمايت حاصل ڪرڻ جي لاءِ قلوپطره دولت جا درياهه وهائي رهي هئي. پنهي پاسن ڪان ڪلڪل ڪان بيزار ٿي اينتوني ايفيس جي ساسوس نالي جزيري ڏانهن لڏي هليو ويو. جتي انيتونيءَ ٿي هفتا رڳو عيش عشرت ۾ گذاري پنهنجي ٿڪاوٽ دور ڪئي. هو شراب ۽ راڳ جي مستيءَ ۾ مست رهڻ لڳو ۽ ٻئي طرف قلوپطره سندس ان رويي تي اندر اندر ڪڙهندي پڇرندي رهي.

قلوپطره ۽ اينتونيءَ جي وچ ۾ هلندڙ اها ڪشمڪش نيٺ نتيجي تي اچي پهتي. قلوپطره فيصلو ڪيو ته هوءَ آڪٽويا کي طلاق ڏياري ئي ساهه پٽيندي... ان ڪانپوءِ جنگ لڳڻ جا امڪان پيدا ٿيندا. اينتونيءَ، قلوپطره سان وعدو ڪيو هو ته روم فتح ڪري اتي سيزارين کي شاهي تخت تي ويهاريندو. پر ان جي ابتڙ سندس وطن وار ماڻهو اها اميد رکيو ويٺا هئا ته آڪٽوين کي شڪست ڏئي، هو جمهوريت کي بحال ڪندو. اها ڪا مشڪل ڳالهه به ڪانه هئي، پر عمر جي وڌي وڃڻ ۽ شراب پيئڻ، اينتونيءَ جي ارادي کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. جمهوريت ۽ بادشاهيءَ جا معاملا ته پوءِ به حل ٿي پئي سگهيا پر ان کان اڳ ۾ آڪٽوين جو خاتمو ضروري هو.

سياست جا مسئلا به ڪي گهٽ ڪونه هئا. خود اينتونيءَ جو وڏو پٽ انٽليس، جيڪو فلويا مان ڄائو هوس، اٿينز اچي ويو. اينتوني پنهنجي سموري لشڪر سميت اتي ئي رهيل هو. اينتوني پنهنجي پٽ سان تمام گهڻي محبت ڪندو هو. هو ٿورو عرصو روم ۾ به گذاري آيو هو ۽ آڪٽوين جي ڏاڍي تعريف ڪندو هو. گڏوگڏ سيزارين کان ڏاڍو چڙيل هو. چاڪاڻ ته هو مصر جو بادشاهه ٿيڻ وارو هو. انهن ڳالهين تي قلوپطره ڪاوڙ جو اظهار ڪندي اينتونيءَ جي ڪِيڏ پٺجي وئي ۽ آخرڪار ڪيس ڪٽوين جي خلاف جنگ لاءِ تيار ڪري ورتو. اينتونيءَ پنهنجي وفاشعار زال کي روم مان پنهنجي گهر ڪان نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو. هن کي معلوم هو ته ان حرڪت سبب ماڻهو به ضرور ڪاوڙبا. ان ڪري هن لشڪر سان وعدو ڪندي خطاب ڪيو ته هو، جلدئي روم ۾ حقيقي جمهوريت قائم ڪرڻ وارو هو.

تاريخ جي فيصلي وارين گهڙين ۾ اٽڪڻ ڪان وڌيڪ ٻي ڪا به ڳالهه خطرناڪ نه هوندي آهي. عظيم فاتحن به ان ڳالهه جي ڪري چند لمحن ۾ شڪستون کاڌيون آهن. اهو ئي سبب هو جو اينتونيءَ جي لشڪر ۾ به بددلي ڦهلجڻ لڳي ۽ هن جا ڪيترائي ڪم وارا اڳواڻ وڃي آڪٽوين سان مليا. جن ۾ ٽائيشس، جيڪو پومپيس جي گرفتاريءَ ۽ قتل ۾ ملوث هو ۽ ٻيو قلوپطره جو غلام پلينڪس. انهن ٻنهي روم وڃي اينتونيءَ ۽ قلوپطره جي متعلق ڳالهين ۾ لوڻ مرچ



www.sindhsalamat.com

ملاڻي اهڙيون اهڙيون ڳالهيون بيان ڪيون جو آڪٽوين جي دل خوش ٿي وئي ۽ هن جي حوارين جتي ڪٿي اها ڳالهه ڦهلائڻ شروع ڪري ڏني تہ قلوپطره، اينٽونيءَ تي جادو ڪري ڇڏيو هو ۽ هو ان ڪري قلوپطره جي اشارن تي نچي رهيو هو ۽ هن جو ارادو روم جي جمهوريت جو خاتمو آڻي اتي قلوپطره کي ملڪہ بنائڻ هو. روم تي مصر جو مذهب لاڳو ڪندو ۽ ايوان ۾ مصر جهنڊو لهرائيندو.

اينٽونيءَ جنگ جي لاءِ بہ حڪمتون عمليون جوڙيون.هڪڙي اها تہ آڪٽوين جي پروپگنڊا جو منهن توڙ جواب ڏجي. ٻي اها تہ آڪٽوين کي جنگ ڪرڻ لاءِ هيڏانهن آڻجي تہ جيئن جنگ مهل ان جي فوج ٿڪل ۽ سندس فوج تازه دم هجي.

اينٽونيءَ وٽ فوجي دستا شام، مصر ۽ آرمينيا ۾ موجود هئا جڏهن تہ يونان ۾ سندس فوجين جو انگ هڪ لک پيادل ۽ ٻارنهن هزار گهوڙي سوار هئا. اينٽونيءَ جي بحري قوت بہ آڪٽوين جي مقابلي ۾ تمام گهڻي مضبوط هئي.آڪٽوين وٽ صرف ٻيانوي هزار فوج مقابلي لاءِ هئي.

سياري جي آمد هئي، اينٽونيءَ ڪورينٿ جي خليج ۾ ننڍيل پاڙي نالي واري شهر کي ڪيمپ بڻايو. هن پنهنجو بحري ٻيڙو، خليج جي محفوظ پاسن ۾ پکيڙي ڇڏيو هو. ايتري ۾ آڪٽوين چال چلي پنهنجو لشڪر ساحل تي لاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جتان اينٽونيءَ جو ساموندي ٻيڙو سنئو ان جي زد ۾ هو. اهو ڏسي اينٽوني واپس موٽي خليج امبريشيا جي ڪناري تي ننڍيل شهر ايڪشم وڃي پهتو. هن هڪدم پنهنجي جهازن کي جنگي حالتن کان آگاهہ ڪيو. جن جهازن تي افرادي قوت گهٽ هئي اتي وڌيڪ ملاحن کي اماڻي ڇڏيو. انهيءَ وچ ۾ قلوپطره بہ يونان کان تازي رسد ڪٺي اچي پهتي، بس رڳو جنگ جي طبل وڄڻ جي دير هئي.

جيڪڏهن اينٽوني، سيزر جهڙي جنرل جو دوست ۽ ساٿي هو تہ آڪٽوين بہ ان جو تيار ڪيل هو. ٻئي ڄڻا جنگي طريقن کان واقف هئا. آڪٽوين ڪناري کي غير محفوظ سمجهندي فوجن کي ٿورو پوئتي هٽائي ورتو. انهيءَ دوران اينٽونيءَ پنهنجي لشڪر کي ان جي اردگرد پکيڙي ڇڏيو. مڪار آڪٽوين هن جي چال کي سمجهندي، بحيره آيونين تائين منٽيءَ جا حفاظتي دڙا ٺهرائي انهن تي پنهنجي تيرانداز ويهاري ڇڏيا تہ جيئن اٽليءَ کان ايندڙ رسد وارا رستا محفوظ هجن. مٿان هن جي بحري ٻيڙي خليج جي ڪناري تي قبضو ڪري ورتو. هڪ پاسي اينٽونيءَ لاءِ هن جي انهيءَ چال مان جند ڇڏائڻ مشڪل بہ هو تہ ٻئي پاسي سندس فوج آڪٽوين جي فوج کي گهيرو بہ ڪري چڪي هئي. ان ڪري صورت حال اها هئي تہ ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي جي ڪنڌ تي اچي ڪڙڪيا هئا.

ديوين ۽ ديوتائن جي چڪرن ۾ قائل اينٽونيءَ جي فوج وڏي ڪا وهم



www.sindhsalamat.com

پرست هئي ۽ ٿوري ٿوري ڳالهه تي وسوسن ۾ ٿي ويڙهجي وئي. انهن ئي ڏينهن ۾ ائينز ۾ زبردست طوفان آيو. جنهن جي ڪري بيڪس ديوتا جو بت ڪري پيو. اصل ۾ اينتوني ان ئي ديوتا جي اوتار هئڻ جي دعويٰ ڪندو هو. ٿورو عرصو اڳ پاڙي شهر ۾. هرقل ديوتا جي مندر تي ڪنوڻ به ڪري هئي. جنهن ڪانپوءِ اها خبر آئي هئي ته اينتونيءَ اٽليءَ ۾ پسارم نالي جيڪو ڳوٺ ٻڌو هو. اهو زلزلي جي ڪري زمين ۾ دبجي ويو هو. انهن ڳالهين جي ڪري قلوپطره به گهٽي هيسيل هئي. هن کي آثار چڱا نظر ڪونه پئي آيا. اينتوني ۽ انهن جي دوستن جي وچ ۾ پيدا ٿيل اختلافن جي ڪري جنگ ۾ دير ٿي رهي هئي.

حقيقت ۾ اينتونيءَ وٽ بحري طاقت ئي اٿري هئي جو هو وڏو نقصان کڻڻ جي باوجود آڪٽوين جي پوري ٻيڙي کي پاٽيءَ ۾ ٻوڙي ٿي سگهيو. جنهن ڪانپوءِ دشمن کي محاصري ۾ ئي ڇڏي رڳو چند هزار فوجين جي مدد سان روم کي فتح ڪري پئي سگهيو. جيڪو انهن ڏينهن ۾ بلڪل خالي پيو هو. پر فوج ۾ شامل جمهوريت پسندن هڪ ٻيرو ٻيهر اينتونيءَ کي پڙڪايو ته قلوپطره کي واپس اماڻيو وڃي جو ته هن جي هلي وڃڻ ڪري فتح هنن لاءِ آسان ٿي پوندي. مزي جي ڳالهه اها هئي ته خود قلوپطره جي حاميءَ ڪينڊلس به اينتونيءَ کي اها صلاح ڏني. آخر اينتوني مجبور ٿي ويو ۽ هن قلوپطره کي اسڪندريه واپس وڃڻ جو مشورو ڏنو. قلوپطره انهيءَ ڳالهه تي ڏاڍو ڪاوڙي. هن کي پڪ ٿيڻ لڳي ته اينتونيءَ جي نيت خراب هئي ۽ هن جي من ۾ فتح ڪانپوءِ پنهنجو وعدو پورو ڪرڻ جوارادو نه هو. ان ڪري سندس دل ۾ ان فتح متعلق به شڪ پيدا ٿي پيو. هن کي چٽو نظر اچي رهيو هو ته سندس واپس ويندي ئي رومي بدمعاش هن بدمست شخص جي عقل تي تالا چاڙهي ڇڏيندا ۽ پوءِ جيئن اهي چاهيندا تيئن ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. هو روم ۾ جمهوريت قائم ڪرڻ جو وعدو ڪندو.ٿي سگهي ته شاهي خاندان جي قائم ڪرڻ واري سچي ڳالهه کي ئي صفا وساري ويهي. اهو به ممڪن هو ته هو ڪيس اتان ئي طلاق موڪلي ڏئي. هن کي جيڪو ڪم ڪيائٹو هو اهو ته هو ٻيهرين ڪڏي چڪو هو. اهي ڳالهيون سوچي، هن واپس وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اينتوني به هن جي اڳيان مجبور هو ۽ اهو لقاءَ ڏسي رومين جي خون ۾ هلچل پيدا ٿيڻ لڳي ته هو هڪ عورت جي اشارن تي نچي رهيو هو.

ان سموري صورتحال کي ڏسندي قلوپطره جو مخالف ڊوميش کان صبر نه ٿي سگهيو. هن ڇا ڪيو جو ٻيڙيءَ تي چڙهي وڃي آڪٽوين سان مليو. اها ٻي ڳالهه آهي ته هو جنگ ۾ شريڪ نه ٿي سگهيو. ڇاڪاڻ ته ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ مليريا ۾ مبتلا ٿي پيو ۽ گذاري ويو. ڊوميش جي غداريءَ سبب قلوپطره ۽



www.sindhsalamat.com

اينتونيءَ جا اختلاف پڌرا ٿي پيا.
اينتونيءَ، قلوپطره تي الزام هنيو ته
"تنهنجي ڪري منهنجا ساٿي غداري ڪري رهيا آهن."

قلوپطره به اندر ۾ پري وئي هئي، جنهن به خوب جهڳڙو ڪيس. هن ڪيس پنهنجا احسان ياد ڏياريا ۽ طعنو ڏيندي چيو. "هاڻي توکي اهي چارسٺو رومي پيارا لڳا آهن ته نيڪ آهي، مون سان ته تو اڳ ۾ به بي وفائي ڪئي آهي."

ان الزام تي اينتونيءَ کي ڏک ته رسيو هو پر قلوپطره به غلط نه هئي. ان جهڳڙي جي نتيجي ۾ پوءِ روزاني هڪ نه ٻيو شخص سندن فوج مان نڪري وڃي آڪٽوين سان ٿي مليو، جنهن جي ڪري آڪٽوين جي فوج جو حوصلو وڌيو. اهي ايتري حد تائين دلير ٿي پيا جو هڪ رات، خاموشيءَ سان اينتونيءَ جي پڙاءَ تائين پهچي ويا ۽ جڏهن اينتوني فوج جي معائني کان موٽيو پئي ته مٿس حملو ڪري ڪيس گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اينتوني پنهنجو بچاءُ ڪري پنهنجي خيمي تائين پهچي ويو.

قلوپطره ۽ اينتونيءَ جي اختلافن جي ڪري خود اينتونيءَ جي دل ۾ به شڪ پيدا ٿي پيا ته قلوپطره شايد ڪيس قتل ڪرائڻ جي چڪر ۾ هئي. هن ڪنهن محفل ۾ انهيءَ شڪ جو اظهار به ڪيو، جنهن جي خبر قلوپطره تائين به پهچي وئي ته هن به پنهنجي نادان مڙس کي سيکت ڏيڻ لاءِ سٽ سوچي ورتو. هڪ رات جڏهن

اينتوني عادت مطابق شراب جا پيالا هڪ هڪ ڪري پيئي رهيو هو ته قلوپطره هڪڙي جام مان ٿورا ڏڪ پري پيالو اينتونيءَ ڏانهن وڌائي ڇڏيو ۽ ان کان اڳ جو اينتوني ان جام مان ڏڪ پري ها، هن پنهنجي وارن ۾ ٻڌل چنبيليءَ جو هار لاهي محبوباڻي انداز سان سندس پيالي ۾ ٻوڙي وري ڪڍي ورتو. اينتونيءَ جام اجان چپن تي رکيو ئي پئي ته قلوپطره وڌي ڪانئنس جام کسي ورتو.

"ترس، هي جام زهريلو آهي."

اينتوني حيران ٿي ويو! "پر ڪيئن؟"

"زهر شراب ۾ نه پر منهنجي چنبيليءَ جي هار ۾ هو، جنهن کي مون تنهنجي پيالي مان ٻوڙي ڪڍيو آهي."

اينتونيءَ جا نشا ئي ٽٽي ويا. قلوپطره جو مقصد رڳو اهو محسوس ڪرائڻ هو ته جيڪڏهن هوءَ چاهي ته ڪيس آسانيءَ سان قتل ڪري سگهي ٿي. اينتوني هنجي وفاشعاريءَ جو قائل ٿي ويو پر اجان به هو ڪيس اسڪندريه موڪلڻ تي بضد هو. جنهن تي نهايت افسوس وچان قلوپطره سندس مان رکيو.فيصلو ٿيو ته هن جي رواني ٿيڻ کان پهرين دشمن جي ٻيڙي تي به حملو ڪري انهن کي تباهه ڪيو ويندو. ان وچ ۾ انيتونيءَ جون فوجون خشڪيءَ تي به جنگ ڇيڙي ڇڏينديون. جيئن ئي اينتونيءَ جي فتح پوري ٿيندي، قلوپطره باقي بچيل ٻيڙا وٺي اسڪندريه راوني ٿي ويندي ۽ اينتوني روم هليو ويندو. پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان نبيربيون. حملي جا


www.sindhsalamat.com

تفصيل طئي ٿي وڃڻ ڪانپوءِ 19 آگسٽ جي ڏينهن بحري حملي جو اعلان ٿيو.

ڪل ساڍن ٽن سون مان سٺ ڪن اعليٰ درجي جا جنگي جهاز هئا. جن ڪي سمنڊ تائين ڇڪي وڃڻ لاءِ انهن جا بادبان کولڻ ضروري هئا. جنهن سان ظاهر هو تہ دشمن کي خبر پئجي وڃي ها. انهيءَ دوران قلوپطره نهايت راز واري انداز ۾ پنهنجو خزانو پنهنجي بحري بيڙي تي منتقل ڪرائي رهي هئي. جنهن کان پوءِ وڏن بيڙن تي پاويهہ هزار تربيت ورتل ويڙهاڪن کي گڏ ڪيو ويو. اهو سمورو منصوبو ايترو تہ تڪڙو مڪمل ٿيو جو فتح بہ يقيني هئي. آخرڪار 29 آگسٽ جو سج ايريو تہ گڏوگڏ طوفان بہ اچي ويو. سمنڊ تہ اڳي ئي وقليل هو. وڙهڻ تہ هڪ پاسي، جهاز هلائڻ بہ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو. جنهن ڪري ڪاروائي، طوفان جي بند ٿيڻ تائين روڪي وئي. اهي چند ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذريا. خود اينتونيءَ جي ٻن مشهور جرنيلن ڊيليس ۽ اسليتس جا هڏ بہ جواب ڏئي چڪا هئا ۽ اهي بہ ڀڄي وڃي آڪٽوين سان مليا. اينتونيءَ لاءِ اهو نقصان برداشت ڪرڻ کان مٿي هو ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي جرنيلن کي اينتونيءَ جي جنگي منصوبن جا تفصيل معلوم هئا. آڪٽوين کي جيئن ئي اهي تفصيل معلوم ٿيا هن پنهنجي بهترين فوج جهازن تائين پهچائي ڇڏي، جيڪي اينتونيءَ جي جنگي جهازن کان ننڍا ضرور هئا مگر هلڻ ۾ سرس هئا. آڪٽوين، سمنڊ جي سوڙهي حصي

جي بدران ويڪري حصي ۾ نڪري، اينتونيءَ جي بيڙي سان مقابلو ڪرڻ مناسب نہ ڄاتو. جنهن ڪري پهرين سٽ ۾ ئي اينتونيءَ جي ابتدائي چال بہ ناڪام ٿي وئي.

جيئن تہ آڪٽوين پنهنجي بيڙي کي ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. جنهن جي ڪري اينتونيءَ بہ ائين ئي ڪيو. قلوپطره جو مصري بيڙو اينتونيءَ واري حصي جي پويان، بچاءَ واري صورت ۾ اچي ويو. اينتونيءَ، قلوپطره کي صاف چئي ڇڏيو تہ سندس جهازن کي لڙائيءَ ۾ شريڪ ڪرڻ بجاءِ هوءَ اسڪندريہ وڃڻ جو فڪر ڪري. قلوپطره بہ ويندي ويندي اينتونيءَ کي تمام گهڻو گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ وڃڻ لڳي، اينتوني بہ ساڻس گهڻي سختيءَ سان پيش آيو پر جڏهن قلوپطره هلي وئي تہ هن کي ان جو صدمو بہ ڏاڍو رسيو.

لڙائيءَ جو آغاز ٻن ٻلوان دشمنن جي انداز ۾ شروع ٿيو. جن جو ڏيان، حملي کان وڌيڪ هڪ ٻئي جي داءَ پيچن تي ڪتل هو. اينتوني پنهنجي ديوَ جيڏن جهازن کي حرڪت ۾ آندو. اهي جهومندي اڳتي وڌيا تہ آڪٽوين جي هلڪن ۽ ننڍن جهازن ڦڙتيءَ سان ڦيراپائي ان کي گهري ۾ وٺي ورتو. جلد ئي صفون درهم برهم ٿي ويون. هرهڪ جهاز پنهنجي منهن وڙهڻ لڳو. آڪٽوين جا جهاز تير ۽ نيزا اڇلائڻ ۽ ٻاه لڳائيندڙ پچڪاريون وسائڻ لڳا تہ اينتونيءَ جا جهاز مٿن منجنيقن سان پٿر


www.sindhsalamat.com

وسائڻ لڳا. هڪ خطرناڪ جنگ هئي جيڪا سمنڊ جي مٿاڇري تي هلي رهي هئي. هٿيارن جي ٽڪرائجڻ جا آواز، منجنيقن جا خوفناڪ ٺڪاءَ، مرندڙن ۽ زخمين جون دانهون ۽ ملاحن جو للڪارون. د ل ڏاريندڙ منظر پيش ڪري رهيون هيون.

ڇئن پنجن ڪلاڪن ڪانپوءِ اينٽونيءَ تي اهو انڪشاف ٿيو تہ جنگ ۾ آڪٽوين جي انهن هلڪڙن جهازن جو پلڙ ڀاري هو. جن تيز رفتاريءَ سان اچي حملو ٿي ڪيو ۽ اينٽونيءَ جي ڳرن جهازن جي جوابي حملي کان اڳ ۾ ئي گوهي ڏئي نڪري ٿي ويا. ٿوري ٿوري دير ڪانپوءِ اينٽونيءَ جو ڪونہ ڪو جهاز پاڻيءَ ۾ ٻڏي ٿي ويو. خود اينٽونيءَ جي جهنڊي وارو جهاز دشمن جي چنبي ۾ هو. قلوپطره واري ٻيڙي جي بہ حالت اها هئي جو اهو بہ اجان تائين بچاءَ واري حالت ۾ ويڙهاند ڪري رهيو هو. قلوپطره سخت پريشان هئي. هن ڏسي ورتو هو تہ اينٽوني، دشمن جي گهيري ۾ قاتل آهي. هن جو گرفتار ٿيڻ ۽ مارجي وڃڻ بلڪل يقيني هو.

"هيءَ موڪلائڻ جي گهڙي آهي." قلوپطره بي اختياريءَ وچان چئي ويئي. شايد قدرت کي بہ اهو ئي منظور هو. هوا بہ اتر کان ڏکڻ طرف گهلڻ لڳي تہ قلوپطره بہ جهازن کي ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ مصري جهاز بہ هڪ هڪ ڪري روانا ٿيڻ لڳا. ايتري ۾ اينٽونيءَ جو جهاز بہ ڪنهن ريت دشمنن جو گهيرو ٽوڙي نڪري آيو هو. هن ڏٺو تہ قلوپطره اسڪندريہ ڏانهن وڃڻ جو رخ ڪيو هو. جنهن کي ويندي ڏسي پهريون ڀيرو اينٽونيءَ جي دل کي صدمو رسيو. هو سوچڻ لڳو تہ هن عورت ساٿس ڪٿي ڪٿي نہ ساٿ ڏنو هو ۽ موت ۾ هن کيس ڇا ڏنو هو. هو هن لاءِ ڪا هڪڙي فتح بہ حاصل ڪري نہ سگهيو هو. ان جذباتي ڪيفيت ۾ اينٽونيءَ اهو ڪم ڪيو. جنهن سندس جرنيلن کي بہ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. هو پنهنجي ٻيڙي کي زندگي ۽ موت جي ويڙهاند ۾ ڇڏي، قلوپطره جي پويان وڃڻ لڳو. قلوپطره هن ديواني ۾ بي همٿ شخص کي پنهنجي پويان ايندي ڏسي، کيس ڪاوڙ مان موٽي وڃڻ جو حڪم ڏيڻ جي همت ساري نہ سگهي. هن اينٽونيءَ کي جهاز تي ضرور اچڻ ڏنو پر پاڻ کي پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو. مايوس ۽ ٿڪل اينٽوني، ٽٽل دل واري حالت ۾ جهاز جي ڇت تي منهن لڪائي ويهي رهيو.

اينٽوني پنهنجي پريشانيءَ ۽ شرمندگيءَ سبب قلوپطره جي سامهون وڃڻ جي جرئت ڪري نہ ٿي سگهيو. ٽن ڏينهن تائين هو ائين ئي بکيو، اڃيو هڪ هنڌ ويٺو رهيو. آخرڪار قلوپطره جي مشيرن کي بہ مٿس رحم اچي ويو ۽ ڏاڍي مشڪل سان انهن قلوپطره کي اينٽونيءَ جي دلجوئي ڪرڻ تي آماده ڪيو. خود قلوپطره بہ تہ هڪ عورت هئي جنهن جو اينٽوني مڙس بہ هو. انڪري هن اينٽونيءَ کي پنهنجي آرام واري ڪمري ۾ اچڻ جي اجازت


www.sindhsalamat.com

ڏني. ان ڏينهن هو ڏکڻ يونان جي مينارس بندرگاهہ تي پهتا ۽ اتي ئي قيام ڪيائون. ٿورن ڏينهن کانپوءِ ايڪشم جي مهم مان بچي آيل جهاز موٽڻ لڳا. ڪلوپيٽره جي مشوري تي اينٽونيءَ بچي آيل ماڻهن کي شام ۽ ايشيا ڪوچڪ اچڻ جو حڪم ڏنو ۽ گڏوگڏ نهايت ڪليءَ دل سان ڪين مال متاع سان مالامال ڪيو تہ جيئن سندس فوج کي مالي مشڪل پيش نہ اچي.

مصر جا بحري جهاز يونان کان هلي. مصر جي اولهہ واري پيراٽونيم بندرگاهہ تي ترسيا. اينٽوني اتي لهي پيو ۽ ڪلوپيٽره اسڪندريہ ڏانهن رواني ٿي وئي. ان اچڻ ۽ ويران جاءِ اينٽونيءَ جي مايوسيءَ ۾ اجان بہ وڌو اضافو ڪري ڇڏيو. انهيءَ دوران ڪيس ايڪشم جي معرڪي جون خبرون پهچنديون رهيون. هن جي فرار ٿي وڃڻ جي باوجود، هن جي بحري بيڙي جنگ جاري رکي هئي. خشڪيءَ تي موجود دستن بہ آڪٽوين جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي آچ کي ٿڏي ڇڏيو هو. اصل ۾ انهن جي وهم گمان ۾ بہ نہ هو تہ ڪلوپيٽره ۽ اينٽوني وڃي چڪا هئا. پوءِ جڏهن ڪين خبر پئي تہ سڀ کان اڳ ۾ اوير ملڪن وارا بادشاهہ افراتفريءَ وچان پنهنجو فوجون وٺي واپس پيا. پوءِ ڪجهہ فوجون مقدونيا هليون ويون تہ ڪجهہ فوجن هٿيار ڦٽا ڪيا. آڪٽوين پوري يونان تي قابض ٿي ويو ۽ وڏي مڪاريءَ وچان اينٽونيءَ جي ماڻهن کي مارائڻ ۾ مصروف ٿي ويو. انهن ڏينهن ۾ ئي اينٽونيءَ اتر آفريقا واري فوج، آڪٽوين سان وڃي ملي. ان خبر اينٽونيءَ کي مايوسيءَ وچان آپگهات ڪرڻ جي ڪنڌيءَ تي رسائي ڇڏيو پر سندس مشيرن ڪيس خودڪشي ڪرڻ کان بچائي ورتو.

ڪلوپيٽره، آڪٽوين کان بدلي وٺڻ لاءِ سوچڻ لڳي. هن کي معلوم هو تہ هن بذات شخص سان صلح ڪرڻ بہ مشڪل هو. پيءَ صورت ۾ مصر کي سندس قاهره واري فوج جو مقابلو ڪرڻو پوندو. انهن ڏينهن ۾ آڪٽيون روم جو آمر بڻيو وينو هو. مصر تہ هن لاءِ هڪ سٽيي گراهہ واري حيثيت ٿي رکي. پر ڪلوپيٽره فيصلو ڪيو تہ هوءَ ايتري آسانيءَ سان شڪست قبول نہ ڪندي، اجان تہ ڪي رستا هئا. هوءَ پارس، ميڊيا ۽ اينٽونيءَ جي ڏن پرينڊز حڪومتن جي بادشاهن سان اتحاد ڪري، آڪٽوين کي مصري قبضي تان هٽائي سگهي ٿي. آڪٽوين جي خطري سان منهن ڏيڻ لاءِ اهي ملڪ پاڻ ڪلوپيٽره جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار هئا. هوءَ اوير جي ملڪن جي اتحاد سان بہ پنهنجا مقصد حاصل ڪري پئي سگهي ۽ ٿوري عرصي ۾ سندس پٽ سيزارين بہ فوج جي ڪمان سنڀالڻ جي لائق ٿيڻ وارو هو. پر ان کان اڳ ۾ ڪلوپيٽره چاهيو پئي تہ مصر جي معاملن تي پنهنجي گرفت مضبوط ڪري وٺي. پوئين ٿوري عرصي ۾ رومي فاتحن سان تعلق جي ڪري مصر ۾ ان جو تاثر ڪجهہ سٺو ڪونہ هو ۽


www.sindhsalamat.com

ڪيترائي دشمن ان جي خلاف جنگ ڪرڻ جي تاڙ ۾ هئا.

مصر پهچندي ئي قلوپطره ڏاڍي تيزيءَ سان مملڪت جا معاملا سنڀالڻ شروع ڪيا. بغاوت جي امڪان کي روڪڻ لاءِ هن رومي فوجي دستن کي مختلف جاين تي پکيڙي ڇڏيو. سمورن دشمنن کي جلادن جي حوالي ڪري ڇڏيو. شاهه ميڊيا کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ اسڪندريه ۾ قيد سابق شاهه آرمينيا جو سر وڍائي ڏانهنس روانو ڪيو. آرمينيا جو وڏو حصو شاهه ميڊيا جي هٿ هيٺ هو ۽ هن کي هروقت اهو خوف به هو ته اينٽوني ڪٿي شاهه آرمينيا کي سندس حڪومت موٽائي نه ڏئي. جنهن ڪري قلوپطره ان معاملي کي پاڙ مان ئي پٽي ڦٽو ڪيو. گڏوگڏ شاهه ميڊيا جي چاتي اليگزينڊر هيلوس ۽ ان جي ڌيءَ کي به شاهه ميڊيا ڏانهن موڪلي ڏنو. هوءَ نهايت تيزيءَ سان اوير سان پنهنجا ناتا بحال ڪري رهي هئي، جڏهن ته اولهه جي ملڪن کيس ڏاڍو مايوس ڪيو هو.

قلوپطره جي انهن منصوبن ۾ اميدن جو مرڪز سندس نوجوان پٽ سيزارين هو، جنهن کي هن، ان وقت جي بهترين تعليم ڏياري هئي. هو اعليٰ درجي جو شهسوار ۽ سپاهي هو. قلوپطره هاڻي اينٽونيءَ کي به ذهن مان ڪڍي ڇڏيو هو. پر وري نومبر جي مهيني ۾ جڏهن اينٽوني اسڪندريه آيو ته قلوپطره کيس ڏسي حيران ٿي ويئي. هن جي خيال ۾ ته اينٽوني خودڪشي ڪري چڪو هوندو ۽ حقيقت ۾ اينٽونيءَ جو موت ٿي چڪو هو چاڪاڻ ته هو ڪنهن به ريت اهو بهادر عظيم جرنيل اينٽوني نظر ئي نه پئي آيو. هن قلوپطره کي صلاح ڏني ته هاڻي بادشاهيءَ جا خيال دل مان ڪڍي رڳو مصر جي طاقت کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪري. اوير جي ملڪن جي اتحاد مان ڪجهه به نه ورندو. ساڻ ساڻ اهو به واضع ڪري ڇيائينس، " مان ان سان سياست ۾ مملڪت ۾ تو سان ساٿ ڏئي نه سگهندس، بس جيڪي ڪرڻو آهي توکي ئي ڪرڻو آهي. "

قلوپطره ته اڪيلي سر اهو سڀڪجهه ڪرڻ لاءِ اڳ ئي تيار هئي. يا شايد اينٽوني اهو اندازو ڪري ورتو هو ته سندس تقدير بگڙجي وئي هئي جنهن کي ڪابه تدبير بدلائي ڪانه ٿي سگهي. انڪري هن گوشي نشيني اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو ۽ مصر جي اولهه ۾، اسڪندريه کان ٿورو اڳيرو هڪ خشڪيءَ جي هنڌ وڃي رهيو، جيڪو دور تائين سمنڊ تي وڃي ٿي ڪُتو. اتي ڪنهن زماني ۾ جهازن جي لنگر ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جا پشتا ٺهيل هئا. اينٽوني به انهن تختن مان عمارت جوڙائي، پنهنجي ڪجهه نوڪرن سان گڏ ان ۾ رهڻ لڳو.

اينٽونيءَ جو اندازو درست هو، تقدير هن جي خلاف هڪ ٻي ويڌن پيدا ڪري ڇڏي. قلوپطره جن جهازن کي وڏين تڪليفن سان بچائي قلزم تائين آندو هو،


www.sindhsalamat.com

باغي عربن اوتري ئي آسانيءَ سان حملو ڪري انهن کي ساڙي ڇڏيو. قلوپطره وٽ ايتري فوج نہ هئي جو هوءَ انهن جهازن کي بچائڻ تي مامور ڪري ها. اهڙيءَ ريت هندستان تائين وڃڻ ۾ اوير جي ملڪن سان اتحاد وارو منصوبو رڻ ۾ رلي ويو.

قلوپطره مصر کي ان قابل بڻائڻ پئي چاهيو تہ جلد از جلد آڪٽوين جي حملي جو بچاءُ ڪري سگهي. آڪٽوين جون لالچي نگاهون مصر ۾ ڪتل هيون. هن سواءِ يهودي رياست جي شاهہ هيروڊ جي باقي بين سمورن بادشاهن کي گهر ويهاري ڇڏيو هو. شاهہ هيروڊ، اسڪندريہ اچي اينتونيءَ کي صلاح ڏني تہ قلوپطره کي قتل ڪري، پاڻ مصر جو مالڪ ٿي ويهي، پر اينتونيءَ سندس اها صلاح قبول نہ ڪئي. قلوپطره جو هي جاني دشمن هيروڊ، هر قيمت تي قلوپطره جي تباهيءَ لاءِ هٿ ڌوئي پويان پيو هو. چاڪاڻ تہ هن کي ڊپ هو تہ جيڪڏهن قلوپطره اقتدار ۾ ايندي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن سندس رياست تي بہ زوري قبضو ڪري وٺندي. هو اسڪندريہ مان اهو خيال ڪري نڪتو تہ وڃي آڪٽوين سان ملندو. اينتوني پنهنجي خاص ماڻهوءَ اليگزينڊر کي پويان موڪليو تہ هو وڃي کيس ان ڪم کان روڪي. اليگزينڊر تہ پاڻ ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هو سو هيروڊ کي سمجهائڻ جي بجاءِ پاڻ بہ وڃي آڪٽوين سان مليو. آڪٽوين کي بہ اليگزينڊر جي ڳولها هئي چاڪاڻ تہ سندس ڀيڻ آڪٽويا کي طلاق ڏيارڻ ۾ اليگزينڊر جو ئي هٿ هو. سو ڪاوڙ مان آڪٽوين بہ کيس جلاد جي حوالي ڪري ڇڏيو، پر شاهہ هيروڊ جي التجا ڪرڻ تي سندس غلام ٿي رهڻ واري شرط سبب جان بخش ڪئي وئي.

آڪٽوين، پڳهار نہ ملڻ سبب بغاوت لاءِ آماده فوج وٺي ايشيا ڪوچڪ روانو ٿي ويو. اهو فيبروريءَ جو مهينو هو ۽ سن 30 قبل مسيح جو هو. قلوپطره ان ڏينهن انتهائي شاندار ۽ وڏي وقار واري تقريب ۾ سيزارين جي وڏي ٿيڻ ۽ حڪومت جي ذميداري سنڀالڻ جو اعلان ڪيو. اهو اعلان سندس سياسي طور ضروري بہ هو، چاڪاڻ تہ مصري باشندا اڃان تائين پنهنجي دلين ۾ عورت جي بدران ڪنهن مرد جي حڪمران هجڻ جو خيال دل ۾ سانڍي ويٺا هئا. ان ڪري قلوپطره بہ ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏيو تہ هاڻي هوءَ اڪيلي نہ هئي پر هن سان گڏ سندس جوان پٽ بہ موجود هو.

سيزارين جي تخت تي ويهڻ واري خبر اينتونيءَ جا هوش ئي اڏائي ڇڏيا. هن چاتو ٿي تہ آڪٽوين کي اها خبر ڪيترو ڪاوڙائي ڇڏيندي ۽ هڪدم لشڪر وٺي مصر تي چڙهائي ڪري ايندو. اينتوني هڪدم اسڪندريہ پهتو ۽ قلوپطره کي سندس ڪيل اعلان جي نتيجن کان آگاهہ ڪندي ڌيڪارڻ لڳو. ڪيتري نہ افسوس جي ڳالهہ هئي جو هڪ عظيم جرنيل هڪ عورت کي بدليءَ جو سبق ڏئي رهيو هو. قلوپطره سندس ڳالهہ کي


www.sindhsalamat.com

مجڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. البت اهو بہ وعدو ڪيائينس تہ اينتونيءَ جي وڏي پٽ، جيڪو بہ سيزارين جيترو ئي هو. ان جي بہ بالغ هجڻ جو اعلان ڪري ڇڏيندي ۽ گڏوگڏ اينتونيءَ کي صلاح ڏنائين تہ يا تہ وجي خودڪشي ڪري يا دنيا کان ان طرح جي بيزاريءَ جو اهو انداز ختم ڪري مردن وانگر حقيقتن سان منهن ڏئي.

قلوپطره اجان تائين تہ حالتن ۽ مشڪل معاملن سان مردن جيان منهن ڏيو پئي آئي. هن جي بدقسمتي هئي جو هوءَ پوئتي پونڊڙ مصر جي حڪمران هئي، هن کي سيزر جو سهارو مليو تہ سهي پر اهو جلدي ئي ڪانئنس کسجي بہ ويو. وري جڏهن اينتونيءَ جو هٿ جهليائين تہ ساڳيو ئي اينتوني مٿس بوجهہ بڻجي پيو. مستقبل اماس جيان اونداهون هو. ايتري ۾ خبر پهتي تہ آڪٽوين. ايشيا ڪوچڪ کان فاتحاڻي انداز ۾ موٽيو هو. ان اطلاع قلوپطره جون باقي رهيل ڪهيل اميدون بہ مٽي ۾ ملي ڇڏيون . هاڻي مصر کي آڪٽوين کان بچائڻ بہ نهايت مشڪل ڪم هو. پر قلوپطره اهو فيصلو ڪيو جيڪو اينتوني نہ ڪري سگهيو هو. يعني قلوپطره زنده گرفتار ٿيڻ بجاءِ خودڪشي ڪرڻ پسند ڪندي. جنهن ڪري هن مصر جي قيد خانن ۾ موجود موت جي سزا وارن قيدين تي مختلف قسم جي زهر جا تجربا ڪرائڻ شروع ڪيا. بهرحال فيصلو وڏي ڦڻ واري افعي نانگ جي زهر جو ٿيو. جنهن جي زهر سان ماڻهو اڪثر ٿي مئو. هن جي زهر جي اثر سبب شروع ۾ماڻهوءَ تي غنودگي طاري ٿيندي هئي ، جنهن سان ماڻهو سمهي ٿي پيو ۽ ننڊ دوران ئي سندس جسماني نظام ختم ٿيو ٿي ويو ۽ اٽڪل ٽيهن منٽن کان پوءِ انتهائي خاموشيءَ ۾ سڪون سان موت ٿي آيو.

آڪٽوين. هڪدم شام پهتو. فوجن بہ سندس حڪمراني قبول ڪئي. قلوپطره پنهنجي پٽ سيزارين کي پنهنجي خزاني ۽ بيڙي سميت هندستان اماڻڻ جو فيصلو ڪيو تہ جيئن هو اتي وڃي پناه وٺي ۽ پنهنجي قسمت آزمائي ۽ اوير جي ملڪن جي بادشاهن جي مدد سان پنهنجي وڃايل ملڪ کي ٻيهر حاصل ڪري. مئي مهيني جي آخر ۾ شهزادو برنيس بندرگاهہ طرف روانو ٿي ويو.

سيزارين کي رخصت ڪندي قلوپطره جي حالت خراب هئي. هوءَ بار بار پٽ سان ياڪر پائي رهي هئي. سيزارين هن کي ڏاڍو پيارو هو. جنهن لاءِ هن پورا سترهن سال حالتن سان ويڙهاند ڪندي ٻين جا سهارا ڳولهيندي رهي هئي. پنهنجو آرام ۽ سڪون برباد ڪندي روم جهڙي طاقتور مملڪت سان دشمني ڳنهي ورتي هئي. اهو سيزارين اڄ هن کان سدائين لاءِ جدا ٿي رهيو هو. هن کي تہ بس انهيءَ سوچ ئي ٿي ڳاريو تہ هوءَ آئيندي پنهنجي جگر جي ان ٽڪري کي شايد وري ڏسي نہ سگهندي.

حالانڪ هن کي معلوم هو تہ روم جي قبضي ۾ وڃڻ جي باوجود مصري


www.sindhsalamat.com

عوام تي ڪو بہ اثر نہ پوندو. چاڪاڻ تہ اها زوال پذير قوم هاڻي ايتري تہ نرجي ٿي وئي هئي جو هر نئين حاڪم کي پنهنجو آقا ڪري تسليم ڪرڻ جي عادي ٿي وئي هئي. انهن ڳالهين جي باوجود قلوپطره زندگيءَ جي آخري لمحن تائين ان ملڪ ۾ رهڻ ٿي چاهيو ۽ پنهنجي فرض نڀائڻ جو فيصلو وڏي دليريءَ سان ڪيو هو.

30 قبل مسيح ۾ آڪٽوين مصر تي حملي جي تياري ڪئي. ان وچ ۾ قلوپطره ۽ انٽونيءَ ساٽس پيغامن جو سلسلو شروع ڪيو. قلوپطره تہ سيزارين جي حق ۾ پنهنجي حڪومت تان هٿ ڪڻڻ جي پيشڪش بہ ڪئي، پر ان شرط تي تہ آڪٽوين وري مصر تي ڪو حملو نہ ڪندو. ان جي پيٽ ۾ انٽونيءَ صرف پنهنجي جان بخشيءَ جي درخواست ڪئي . مڪار آڪٽوين، انٽونيءَ جي خط جو جواب نہ ڏنو ۽ قلوپطره کي لکيو تہ جان بخشيءَ جي هڪ ئي صورت ٿي سگهي ٿي تہ هو انٽونيءَ کي مارائي ڇڏي. انٽونيءَ جو مشير ٿريسس، آڪٽوين جي مڪاريءَ کي سمجهي ورتو ۽ واپس وڃي آڪٽوين جي پيغام سان گڏ پنهنجي خدشن کان بہ آگاهہ ڪيو ۽ جيڪا حقيقت هئي اها ڪيس ٻڌائي ڇڏي. آڪٽوين، انٽونيءَ لاءِ موت جو فيصلو ڪري چڪو هو. البت قلوپطره جي لاءِ اهو طئي ٿيو تہ ان کي زنده گرفتار ڪري، روم ۾ ان جي نمائش ڪجي. انٽونيءَ کي ان لکپڙه جي خبر پئي تہ ڏاڍو ڪاوڙيو.

اتفاق سان قلوپطره انٽونيءَ جي ان جرعت تي ناراض ٿيڻ بجاءِ ڏاڍو خوش ٿي. هن کي تہ خطرن سان کيڏندڙ اهڙا مرد ئي پسند هئا. هوءَ ان وقت تائين انٽونيءَ سان ناراض هئي پر ان واقعي کانپوءِ هوءَ سندس دلجوئي ڪرڻ لڳي. خاص طور سندس سالگره نهايت ڌام ڌوم سان ملهايائين. هن شايد انٽونيءَ کي اهو سمجهائڻ پئي چاهيو تہ هو هن آخري جنگ ۾ مردن وانگر منهن ڏئي مقابلو ڪري تہ هوءَ بہ ساڻس گڏ جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار هئي. خود انٽوني بہ هن پيري مرڻ مارائڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو ۽ ٿورا جهاز ساڻ ڪري پيلوشيم جي بندرگاهہ ڏانهن روانو ٿي ويو. هن کي معلوم نہ هو تہ قلعو ۽ شهر آڪٽوين جي قبضي ۾ اچي چڪو هو. لهندي ئي رومين مٿس حملو ڪري ڏنو. هو ڏاڍي مشڪل سان پنهنجي جان بچائي نڪتو ۽ جهاز ۾ ڪيتري ئي فوج وڃائي واپس موٽيو ۽ ايندي شرط ئي قلوپطره سان وڙهڻ لڳو تہ هن پنهنجي منهن قلعو ۽ شهر دشمنن جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو هو. قلوپطره کيس يقين ڏياريو تہ اهو سيڪجهہ هن نہ پر قلعيدار سيليوڪس پنهنجو پاڻ ڪيو هو. انٽوني هن جي ڳالهہ تي خاموش تہ ٿي ويو پر هو اندروني طور بدگمان ٿي ويو. هن جي نااميديءَ جي رک ۾ اها ئي هڪڙي چڻنگ هئي جا گهڙيءَ لاءِ ٻري تہ هئي پر وري وسامي رک ٿي وئي. هاڻي هو واقعي بزدليءَ واريون حرڪتون ڪرڻ لڳو. هن



www.sindhsalamat.com

قلوپطره جي اجازت ڪانسواءِ ئي پنهنجي پٽ انتليس کي چڱو خاصو خزانو ڏئي آڪٽوين ڏانهن موڪليو تہ جيئن هو اها رقم وصول ڪري سِندس جان بخشي ڇڏي. پر آڪٽوين سموري رقم هضم ڪري اوڳرائي ئي ڪانہ ڏني ۽ اينٽونيءَ کي جواب ڏيڻ ضروري نہ سمجهيو. نيٺ اينٽونيءَ هڪ اهڙي ملڪ ڏانهن فرار ٿيڻ جو سوچيو جتي آڪٽوين جا هٿ پهچي نہ سگهن.

ٻئي پاسي آڪٽوين مسلسل قلوپطره کي برغلائي رهيو هو تہ هو ڪيئن بہ ڪري اينٽونيءَ کي قتل ڪرائي ڇڏي يا ڪيس هن جي حوالي ڪري ڇڏي يا وري هن کي ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي تہ هو سندس هر ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار ٿي ويندو. آڪٽوين کي پڪ هئي تہ قلوپطره سندس پيشڪش قبول ڪري وٺندي. ڇاڪاڻ تہ اينٽوني هونئن بہ هاڻي بيڪار ئي ٿي ويو هو. پر قلوپطره ، آڪٽوين کي صاف جواب ڏئي ڇڏيو. هن کي معلوم هو تہ هن جي جواب ڪانپوءِ آڪٽوين ڪاوڙجي پوندو ۽ اسڪندريہ تي چڙهائي ڪري وٺندو. ان ڪري هن دفاع کي مضبوط بنائڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني. ان وچ ۾ آڪٽوين جو قاصد، اينٽونيءَ جي سري گهرڻ جو مطالبو کڻي اچي پهتو. جنهن تي قلوپطره ڪيس تاريخي جواب ڏنو، "جيڪڏهن تون منهنجي مڙس جو بيڪار سرُ حاصل ڪرڻ لاءِ ايترو بي چين آهين تہ اسڪندريہ جي ديوار ٽوڙي اچ ۽ ان جو سر لاهي وڃ."

مصري رسم مطابق قلوپطره پنهنجي جيئري ئي پنهنجي قبر جوڙائي ڇڏي هئي، ڇاڪاڻ تہ بطليموس نهايت سهڻين عمارتن ۾ دفن ٿيڻ پسند ڪندا هئا. انهن جا مقبره عوام کان لڪل بہ نہ هوندا هئا، ڇاڪاڻ تہ اهي مرڻ سان گڏ مال خزانا پاڻ سان گڏ نہ پورائيندا هئا پر اهي پنهنجي وارثن لاءِ ڇڏي وڃڻ کي پسند ڪندا هئا. هن جو مقبرو، اسڪندريہ جي اتر اولهہ ۾ آئي سس (مصري مظهر جي ديوي زهره) جي مندر سان لڳو لڳ هو. اهو مقبرو ڪيترا سال اڳ ۾ ئي تيار ٿي ويو هو ۽ ان جي ٽي ماڙ عمارت تعميراتي شاهڪار هئي.

آڪٽوين جي اچڻ جي خبر ٻڌندي ئي قلوپطره سمورو خزانو ان جي مٿين ماڙ تي منتقل ڪرائي ڇڏيو ۽ سڄي عمارت کي خشڪ ڪاٺين سان ڀرائي ڇڏيو. هن فيصلو ڪيو هو تہ جيڪڏهن هن آڪٽوين کان شڪست کاڌي تہ هوءَ پاڻ کي افعي نانگ کان ڏنگرائي، ڪاٺين کي باهہ ڏياري ڇڏيندي، تہ جيئن خزانو بہ ان سان گڏ ئي سڙي خاڪ ٿي وڃي ۽ آڪٽوين کي اها خاڪ ئي نصيب ٿئي.

جولاءِ جي آخر تائين آڪٽوين بہ فوجون وٺي نازل ٿي ويو. هن ايندي شرط شهر پناهہ ۽ بندرگاهہ کي گهيرو ڪري ورتو ۽ پنهنجي ڪيمپ شهر جي اوير پاسي هڪ پهاڙ تي قائم ڪري ورتي.



www.sindhsalamat.com

پراڻي دشمن کي سامهون ڏسي اينٽونيءَ جي رڳن ۾ خون ڊوڙڻ لڳو. هو فوج وٺي شهر پناهه کان ٻاهر نڪتو ۽ اهڙو تہ زوردار حملو ڪيائين جو مخالف فوج کي پوئتي ڌڪيندي آڪٽوين جي ڪيمپ تائين رسائي ڇڏيائين. ان ڪانپوءِ مونٽيو تہ مخالفن کي ماريندو ڪاٽيندو واپس شهر آيو. ان ڏينهن اهڙي تہ زوردار جنگ ٿي جو ٻنهي طرفن جا سوين ماڻهو مارجي ويا. خود اينٽوني ننهن کان چوٽي تائين رت ۾ ٻرجي ويو هو. پر ان حالت ۾ بہ اينٽونيءَ جي سخاوت جو جذبو نمايان هو جو هن خاص طور هڪ ڪمان سنياليندڙ جي تعريف ڪري، ان کي ملڪ جي هٿان سوني زره ڏيارائين. قلوپطره پنهنجي مڙس جي دليريءَ تي ڏاڍي خوش ٿي ۽ هن جي همٿ افزائي ڪرڻ لڳي.

پر ان رات اسڪندريہ ۾ پراسرار واقعا پيش آيا. آسمان هڪدم روشن ٿي ويو. پوءِ پري کان شهر پناه جي پاسي کان موسيقي ۽ راڳ وارين تانن جا آواز اچڻ لڳا. ڄڻ ڪوئي جلوس گذرندو هجي. شهر جي وچ تائين پهچندي اهي آواز هڪدم بند ٿي ويا. ماڻهو بہ پنهنجي گهرن ۾ لڪيا پيا هئا. ايستائين جو پهريدارن کي بہ ڪجهہ نظر نہ آيو. خبر نہ پئي پئي تہ اهي آواز ڪٿان ڪان پئي آيا ۽ ڪيئن گم ٿي ويا. بهرحال وهمن ۽ وسوسن ۾ مبتلا ماڻهن اهو خيال ڏيکاريو تہ اڄ قسمت اينٽونيءَ کان منهن موڙي وئي هئي.

ٻئي صبح جو اينٽوني وري بہ لشڪر وٺي نڪتو تہ هن ٻنا حڪم ڏيڻ جي ٿي پنهنجي ٻيڙن کي آڪٽوين جي جهازن جي طرف ويندي ڏٺو. مصري جهازن جنگ جي بدران هٿيار ڦٽا ڪرڻ کي ترجيح ڏني هئي. اهي اجان دشمن سان مليا ئي مس تہ اينٽونيءَ جا گهوڙيسوار دستا بہ دشمن جي رسالدارن (سئو سوارن جي اڳواڻ) سان وڃي مليا. حيران ۽ پريشان اينٽونيءَ سان گڏ هاڻي رڳو پيادل دستا موجود هئا.

"غداري... قلوپطره مون سان غداري ڪئي آهي.." اوڇتو اينٽونيءَ رڙ ڪئي ۽ گهوڙو واپس شاهي محل جي پاسي موڙي ورتو. اتي پهچي هن تلوار ڪڍي ۽ چرين وانگر بڪ بڪ ڪندي، قلوپطره کي ڳولهڻ لڳو. هو رڙيون ڪري هن کي مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو هو. هڪ ڪمري ۾ موجود قلوپطره سندس رڙين مان اندازو لڳائي چڪي هئي تہ بازي اونڌي ٿي وئي هئي ۽ جيڪڏهن اينٽونيءَ جي سامهون اچي ويس تہ واقع هو کي موت ڏئي ڇڏيندو. شاهي محل جي ڳجهن رستن کان تہ واقف هئي ئي، ان ڪري هن جان بچائڻ لاءِ ڀڄڻ مناسب سمجهيو. خبر ٻڌندي ئي ٻہ وفادار نوڪرياڻين ڪانسواءِ، محل جا پهريدا. غلام ۽ نوڪرياڻيون سڀ گم ٿي ويا هئا. اهي ٻئي ڪنيزون، قلوپطره سان آخري گهڙي تائين گڏ هيون. ڳجهي رستي ذريعي فرار ٿيندي قلوپطره پنهنجي مقبري تائين وڃي پهتي جتي جا مقرر ٿيل ملازم

بـ فـرار ٿـي ويـا هئـا. مقبـري جـي خـالي عمـارت ۾ اينـدي ئـي ٽنهـي عورتـن، مرڪزي مکيہ دوازو بند ڪري ڇڏيو ۽ ان جي سامهو ڳرو سامان رکي ڇڏيو تہ جيئن دشمن در کي کولي اندر نہ اچي سگهن.

قلوپطـره اجـا تـائين پنهنجـي هوش حواس ۾ هئي. هوءَ مقبري جي آخري ماڙ تان، شهر ۽ بندرگاهہ جي حالتن جـو جـائزو وٺـڻ لڳـي. آڪٽويـن جـي فـوج بندرگاهہ تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ شاهي محل ۽ قلعي ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. شاهي محل ۾ جڏهن اينتونيءَ جو جنون گهٽ ٿيو تہ ڪيس پنهنجي رويي جو احساس ٿيو. پهرين تہ هن قلوپطره تي شڪ پئي ڪيو پر جڏهن سندس نشا ٽٽا تہ دل ۾ قلوپطره لاءِ پيار جي اڇل محسوس ڪرڻ لڳو. هن قلوپطره کي ڳولهڻ شروع ڪيـو ۽ دل ڏارينـدڙ رڙيـون ڪـري ڪيـس سڏيندو رهيو. پر قلوپطـره اتـي هجـي تـہ ڪيس جـواب ڏئـي. اينـري ۾ جـن خـادمن قلوپطره کي مقبري جي پاسي ويندي ڏٺـو هو تـن ڪيس ٻڌايـو تـہ ملڪہ خود ڪشـي ڪري ڇڏي آهي.

اهو ٻڌندي ئي اينتونيءَ جي اکيـن اڳيان اونداهي ڇانئجڻ لڳي. اڳ ۾ تہ هـو ڪيس مارڻ لاءِ تيار هو، پر قلوپطـره جـي خودڪشـيءَ جي خبر ٻڌنـدي ئـي ڏنڊڇـڻ لڳو. ان حالت ۾ رئندي چوڻ لڳو،" هاڻي ڪنهـن جي لاءِ جيئـان. دنيـا جـي واحـد هستي، جيڪا مون کي پيـاري هئـي، اهـا ئي موت جي ور چڙهي وئي تہ ائون اڪيلو ڪيئن جيئان ...."

ائين چئي هن پنهنجي خاص غلام عيروص کان پڇيـو،" تـو کـي پنهنجـو وعـدو يـاد آهي؟"

عيروص، اينتونيءَ جو سڀ کان وڌيڪ اعتماد وارو غلام هو. هو سالن کان ساڻس گڏ هو. جڏهن سيئي ڪيس ڇڏي ويا هئا تہ بہ هن اينتونيءَ کان جدا رهڻ کان انڪار ڪيـو هـو. ڪـورو عرصـو اڳ اينتونـيءَ ڪانئنس وعدو ورتو هو تہ جڏهن وقت ايندو تہ هـو پنهنجـي تلـوار سـان ڪيـس مـاري ڇڏيندو. عيروص سندس دل رکڻ لاءِ وعدو تہ ڪيو هو پر هاڻي ان وعدي پوري ڪرڻ جو وقت اچي ويو هو. اينتونـيءَ پنهنجـي قميص لاٿي ۽ هن کي چيو تہ،" پنهنجـو وعدو پورو ڪر."

وفادار غلام ڪيتري دير تائين تہ ٻڌتر ۾ رهيو ، نيٺ هن تلوار ميـاڻ مان ڪڍي پنهنجي ئي سيني ۾ ڪپائي ڇڏي. اينتوني پنهنجي جان نثار غلام جي ان مظاهري تي صفا ڏڏي ويو. عيروص جي مـرڻ ڪـانپوءِ اينتونـيءَ سندس سـيني مـان تلـوار ڪـڍي پنهنجـي سـيني ۾ هڻنـدي پنهنجـي منهـن چيو،" تو بہ پنهنجي آقا کي چڱو رستو ڏيکاريو."

اينتونيءَ جي ڪرنـدي ئـي سـاڻس گڏ بيٺل سپاهي ڀڄي ويا. انهـن جي خيـال ۾ اينتوني مري چڪو هو. پر اينتوني هـڪ مشاق سپاهي هوندي بہ موت لاءِ ڪيل وار ڪنهـن سيڪڙاٽ وانگر ڪيو هو . جنهـن



www.sindhsalamat.com

ڪري هو مئو ڪونه هوپر صرف زخمي ٿي ويو هو. زخم گهرو ضرور هو، پر ايترو خطرناڪ نه هو. ٿوريءَ دير ۾ ئي اينتونيءَ کي هوش آيو ته هن ڏٺو ته ڪجهه خادم سندس پر ۾ هلي ڦري رهيا هئا. جن اينتونيءَ کي ٻڌايو ته قلوپطره اڃا جيئري هئي. اها ڳالهه ٻڌندي ئي اينتونيءَ جي جسم ۾ ڄڻ نئون روح ڦوڪجي ويو. هن خادمن کي چيو ته کيئن به ڪري هن کي ملڪه وٽ پهچايو. هن جي ڳالهه ٻڌي ڪجهه ته خادم پٺي ويا پر ٻن هڏڏوڪي خادمن سندس زخمي جسم کي کٽ تي ليٽائي مقبري تائين آندو. اينتونيءَ کي ان حالت ۾ ڏسي ڪيترا ئي ماڻهو گڏ ٿي ويا. قلوپطره به مٿان ماڙيءَ تان اهو ڏک پريونظارو ڏٺو ته غم کان سندس رڙ نڪري وئي.

اينتونيءَ قلوپطره کي چيو ته هو سندس هنج ۾ مرڻ ٿو چاهي. پر قلوپطره کي اهو ڊپ هو ته هڪ پيرو به دروازو کليو ته ماڻهن جي هجوم ۾ موجود آڪٽوين جا همدرد اندر اچي هڪدم کيس گرفتار ڪري وٺندا. پر هن مڙس جي آخري خواهش کي به پورو ڪرڻ ٿي چاهيو. هن مٿان رسو اڇلايو ۽ ان رسي جي ذريعي پنهنجي نوڪرياڻين جي مدد سان هن زخمي اينتونيءَ کي مٿي ڇڪڻ شروع ڪيو.

اهو منظر نهايت عبرتناڪ ۽ دردڀلو هو. هڪ عظيم جرنيل ۽ فاتح، جنهن دنيا جي وڏي حصي تي حڪومت ڪئي هئي، سو بي وسيءَ جي حالت ۾ رسيءَ سان ٻڌل مٿي ڇڪجي رهيو هو ۽ دنيا جي سڀ کان وڌيڪ مهذب ۽ دولتمند ملڪه قلوپطره پنهنجي ٻانهين جي مدد سان کيس مٿي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. آخرڪار انهن ٽنهي عورتن، اينتونيءَ کي هڪ دريءَ مان ڇڪي، بستري تائين آندو. اينتونيءَ کي مرندي ڏسي قلوپطره هڪ وفادار زال جيان رڙيون ڪري روئي رهي هئي ۽ هن جي وهندڙ خون کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. اوچتو اينتوني ٿورو هوش ۾ آيو ته قلوپطره کي اکين آڏو ڏسي، سندس اکين ۾ زندگيءَ جي چمڪ پيدا ٿي، هن هلڪي آواز ۾ قلوپطره کي چيو، " مون ڪانپوءِ، جيترو ممڪن ٿي سگهئي، آڪٽوين سان ڪو عزت وارو سمجهوتو ڪري وٺجانءِ. هن جي ساٿين مان رڳو پروڪوليس تي ڀروسو ڪجانءِ. منهنجي مرڻ تي غمگين نه ٿجانءِ. ڇاڪاڻ ته زندگيءَ ۾ منهنجي هر خواهش پوري ٿي آهي... سواءِ هڪ جي.. "

ائين چوندي اينتونيءَ جو ساهه رڪجي ويو ۽ قلوپطره ۽ ان جون ٻانهيون روئي روئي ماتم ڪرڻ لڳيون.

قلوپطره اڃان تائين اينتونيءَ جي جدائيءَ جي جهوراڻي ۾ مبتلا هئي ته دشمن اچي مٿان ڪڙڪيس. هن جي فاتحاڻن نعرن ۽ هٿيارن جي کڙ کڙ سندس اندر کي ڌوڏي ڇڏيو. هوءَ تڪڙو تڪڙو دريءَ وٽ آئي. هن ڏٺو ته هيٺ سپاهي،



www.sindhsalamat.com

مقبري جي دروازي کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

"خبردار جو ڪنهن به دروازي کي ڀڃڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، مان خودڪشي ڪري عمارت کي باهه ڏياري ڇڏينديس." هن رڙ ڪندي انهن کي چيو.

اهو ٻڌي فوجي پوئتي هٽي ويا. ٿوري دير کان پوءِ آڪٽوين جو ايلچي پروڪوليس آيو، جنهن جو ذڪر اينٽونيءَ به ڪيو هو. هن ملڪ سان ڳالهائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. هو قلوپطره کي دروازو کولڻ ۽ اندر اچڻ لاءِ چئي رهيو هو. پر قلوپطره ايتري بيعقل نه هئي ته رڳو اينٽونيءَ جي چوڻ تي هوءَ ان پروڪوليس تي اعتبار ڪري وٺي. هوءَ ڏاڪڻ جي ذريعي هيٺ وئي ۽ بند دروازي جي پويان ئي پروڪوليس سان ڳالهائڻ لڳي. قلوپطره کيس سندس جان بخشيءَ سان گڏ سيزارين جي تخت تي ويهڻ جي ضمانت لاءِ چيو. پروڪوليس بنا ڪنهن چٽي وعدي ڪرڻ جي کيس آڪٽوين جي طرف کان رحم ۽ مروت ونرائي ڏيڻ جو يقين ڏياريو. پر ان خراب حالتن جي باوجود قلوپطره دروازو کولڻ لاءِ تيار نه هئي. پروڪوليس نااميد ٿي واپس ويو ۽ وڃي آڪٽوين کي صلاح ڏنائين ته جيئن ته ملڪ دروازو کولڻ لاءِ تيار نه هئي، ان ڪري جيڪڏهن هوشياريءَ کان ڪم ورتو وڃي ته دريءَ واري پاسي کان ٽپي اندر هلجي ۽ قلوپطره کي قيد ڪري وٺجي. آڪٽوين ان منصوبي جي منظوري ڏيندي پروڪوليس ۽ ڪارنيلس کي ملڪ جي گرفتاريءَ تي مقرر ڪيو.

هي ٻئي ڄڻا مقبري وٽ پهتا.

هن ڀيري ڳالهه ٻولهه ڪارنيلس شروع ڪئي. قلوپطره سان گڏ ٻئي نوڪرياڻيون به دروازي وٽ موجود هيون. ان وچ ۾ پروڪوليس چالاڪي ڪري مقبري جي سيوار سان ڏاڪڻيون لڳرائي، مٿي مقبري تائين پهچي ويو، جتي اينٽونيءَ جو لاش پيل هو، سندس پويان رومي آفيسر به هئا. جيڪي وري مقبري جي اندرين ڏاڪڻ لهي هيٺ مکيه دروازي ڏانهن وڃڻ لڳا، جن تي نوڪرياڻين جي نظر پئجي وئي ته انهن هڪدم رڙ ڪري قلوپطره کي هوشيار ڪيو، پر جيستائين قلوپطره پاڻ سنڀالي رومي آفيسرن کيس جهلي ورتو، قلوپطره خنجر ڪڍي پاڻ کي هڻڻ واري هئي ته پروڪوليس جهپڙ ڏئي کانئس خنجر کسي ورتو.

" افسوس، ملڪ محترمه اوهان آڪٽوين جي رحمدليءَ ۽ شرافت تي اعتبار نه ڪندي خودڪشيءَ جو ڪوشش ڪئي ته جيئن اسان جي آقا کي ساري دنيا ۾ بدنام ڪري سگهيون." ائين چوندي هن دروازو کولي ڇڏيو ته ڪارنيلس به اندر گهڙي آيو. هن ملڪ ۽ ڪنيزن کي گرفتار ڪري ورتو. ان وچ ۾ آڪٽوين جو قاصد به اچي پهتو، جنهن چيو ته گرفتاريءَ جي صورت ۾ ملڪ کي وڏي احترام سان رکيو وڃي ۽ هن کي خودڪشي ڪرڻ نه ڏني وڃي. پروڪوليس، قلوپطره کي هڪ



www.sindhsalamat.com

خالي ڪمري ۾ پهچايو ۽ اتي جي هر شيءِ کي هٽائي ڇڏيو ته متان هوءَ خودڪشي نه ڪري وٺي.

ان ڏينهن شام جو آڪٽوين فاتحاڻي انداز ۾ اسڪندريه ۾ داخل ٿيو. ماڻهو ڏاڍو ڊنل ۽ هراسيل هئا. پر آڪٽوين. شهر جي ڪسرت گاهه ۾ شهر جي ماڻهن کي گڏ ڪري انهن کي امن امان جو پيغام ڏنو. هن ماڻهن ان امن امان ڏيڻ جا چار سبب ٻڌايا. هڪ ته هي شهر سڪندر اعظم سان منسوب هو ۽ ٻيو ته هو هن شهر جي سونهن کان متاثر ٿيو هو. ٽيون ديوتا سرافس جي ڪري ۽ چوٿون ان ڪري ته هتي ايري ليس جهڙو عظيم فيلسوف رهندو هو.

اسڪندريه ۾ آڪٽوين جي استقال ڪندڙن جي فهرست ۾ پهريون ماڻهو ايري ليس ئي هو. جنهن آڪٽوين کي شهرين جي جان بخشڻ جي درخواست ڪئي هئي ۽ گڏوگڏ پنهنجي دشمنن کي به چونڊي چونڊي مارايو هو. آڪٽوين ملڪ کي ڌمڪي ڏياري موڪلي ته جيڪڏهن هن خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس اولاد کي قتل ڪيو ويندو. ان ڌمڪيءَ ڪانپوءِ قلوپطره خودڪشيءَ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو.

آڪٽوين جي حڪم موجب اينٽونيءَ جي لاش کي آخري رسمن ادا ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو. آڪٽوين ۽ سندس ڪجهه حوارين ڪانسواءِ سيئي اينٽونيءَ جي موت تي ڏکويل هئا. رومي آفيسرن مطالبو ڪيو ته لاش انهن جي حوالي ڪيو وڃي. پر آڪٽوين اها ڳالهه ڪٿي پئي برداشت ڪري سگهيو. هن ظاهري طور ته قلوپطره جي چوڻ تي اينٽونيءَ جو لاش سندس حوالي ڪيو. پر ٻئي ڏينهن صبح جو سج ايريو ته ان جي ڪرڻن. ان ملڪ جي راڻيءَ کي پيرين اگهاڙو پنهنجي مڙس جي لاش پويان رئندي ۽ ڊوڙندي ڏٺو. اينٽونيءَ کي ان مقبري ۾ دفن ڪيو ويو جيڪو قلوپطره پنهنجي لاءِ جوڙايو هو.

اينٽونيءَ کي دفنائي قلوپطره

ائين موٽي ڇڻ پنهنجون سموريون آرزوئون ۽ حسرتون قبر ۾ دفنائي آئي هجي، پر اڃان به ڪا اميد سندس دل ۾ هئي ته متان آڪٽوين سندس ڳالهه مڃي وٺي ۽ مصر جو تاج تخت سيزارين کي بخش ڪري. حالانڪ آڪٽوين جي وعدن ۾ سواءِ مڪاريءَ جي ٻيو ڪجهه هيو ئي ڪونه. هو رڳو ان فڪر ۾ هو ته ملڪ کي زنده سلامت روم وٺي وڃي ۽ فتح جي جشن ۾ ان جي نمائش ڪرائي. چاڪاڻ ته جنهن وقت آڪٽوين. قلوپطره سان وعدو ڪري رهيو هو ته هو سندس اولاد کي نقصان نه رسائيندو. بلڪل انهيءَ وقت ئي هن جا قاصد. برنيس ڏانهن روانا ٿي چڪا هئا ته جيئن تيئن ڪري سيزارين کي واپس موٽائي سندس اڳيان پيش ڪيو وڃي. ته جيئن ان بدنصيب شهزادي کي به ختم ڪري، مصر جي واحد وارث کي به رستي کان هٽائي ڇڏيو وڃي.



www.sindhsalamat.com

قلوپطره زخمي هئي. اينتونيءَ جي موت تي ماتم ڪندي هن پاڻ کي ڏاڍو زخمي ڪري ڇڏيو هو. هوءَ بيمار ٿي پئي هئي. تيز بخار جي حالت ۾ ڪڏهن اينتونيءَ کي ٿي سڏيائين تہ ڪڏهن سيزارين کي. ڪڏهن آڪٽوين کي سيزارين جي جان بخشڻ جي گذارش ٿي ڪيائين تہ ڪڏهن سيزارين کي مصر مان ڀڄي وڃڻ لاءِ ٿي چيائين. هفتي ڪانپوءِ سندس بخار لٿو تہ سهي پر ايتري ڪمزور ٿي وئي هئي جو سهاري ڪانسواءِ اٿي بہ ڪانہ پئي سگهي. ڪاڌو بہ نالي ماتر ٿي ڪاڌائين. مٿان وري دوائون بہ ڪونہ ٿي پيتائين. ظاهر آهي سندس ارادو مرڻ ڪانسواءِ ڀلا ٻيو هيو ئي ڪهڙو ۽ آڪٽوين کي اهو سڀڪجهه منظور نہ هو. جنهن ڪري هن عيادت جي نالي ۾ ڌمڪي ڏنس تہ تنهنجي زندگي تنهنجي ٻارن سان سلهاڙيل آهي. اها ڳالهہ ٻڌي هوءَ وري مجبوريءَ وچان دوائون کائڻ لڳي.

قلوپطره عمر جي انٽيهين سال ۾ هئي جنهن کي ان خطي ۾ ڀرپور جوانيءَ تصور ڪيو ويندو هو ۽ قلوپطره جي حسن ۾ ڀلا ڪهڙو شڪ هو. بيماريءَ جي هوندي بہ سندس حسن جو ڪمال هو جو سندس نگرانيءَ تي مامور آفيسر بہ سندس جان نثار ٿي پوندا هئا. بيماريءَ جي ڪري هن جو رنگ لوهاڻجي ضرور ويو هوس. ڳلن تي پيلاڻ ڇانئجي وئي هئس. ڪارا ڪارا وار سندس ماهتابي مکڙي کي بادلن جيان وڪوڙيل هئا. شخصيت جو وقار ايترو جو جيڪو ڏسندو هوس تہ ڏسندو ئي رهجي ويندو هوس. آڪٽوين اجان تائين هن سان نہ مليو هو ۽ جڏهن ملڻ آيو تہ هن سمجهيو تہ هن جي ملاقات ڏکن جي ڏڏيل عورت سان ٿيندي، جنهن جي سونهن، بدصورتيءَ ۾ بدلجي وئي هوندي، پر جڏهن هوقلوپطره جي سامهون آيو تہ پٿر جي بت جيان کي گهڙيون تہ هڪ هنڌ ڄميو بيٺو رهيو. هن دل ۾ ضرور اهو مڃيو هوندو تہ قلوپطره بهرحال قلوپطره هئي. ڇا ڏک،ڇا غم. ڇا عمر تہ ڇا ناڪاميون. هر ڪو هن جي جمال ۾ گهٽتائي آڻڻ ۾ ناڪام ٿي ويو هو . وقار ۽ دبدبو اجان بہ اهڙو جو ان حالت ۾ بہ آڪٽوين جهڙو فاتح بہ سندس رعب ۾ اچي ويو. هو ڪيس صحتيابيءَ جي مبارڪ ڏيڻ آيو هو. جڏهن هن ڪيس مبارڪ ڏني تہ قلوپطره جون اکيون ڳوڙهن سان آليون ٿي ويون. آڪٽوين جي جملي ۾ مکر بہ مليل هو. هو هڪ اهڙي عورت کي مبارڪ ڏيڻ آيو هو. جنهن جو مڙس مري چڪو هو. ملڪ، تاج ۽ تخت کسجي چڪو هو. بہ پٽ آڪٽوين جي قبضي ۾ هئا. رڳو سيزارين ۽ هيلوس هن جي قيد ۾ نہ هئا.

جڏهن ڳالهائڻ جي شروعات ٿي تہ قلوپطره نهايت ڌيمي انداز ۾ پنهنجي معاملن جو جواز ڏيڻ لڳي.



www.sindhsalamat.com

جنهن تي پهرين تہ آڪٽوين بہ ڏاڍي نرمي ڏيکاري، پر پوءِ سندس انداز بہ جارحاڻو ٿيندو ويو. هن اينٽونيءَ ۽ قلوپطره تي الزام هنيا تہ شڪست ڪاڏل راڻيءَ سيئي الزام سر تي کنيا ۽ فاتح کي رحم جي اپيل ڪئي. جيڪا ڳالهہ خود قلوپطره لاءِ ذلت جي انتها هئي، جنهن کي قلوپطره رڳو پنهنجي اولاد جي ڪري قبوليو هو. ڪجهہ بہ هجي هوءَ هڪ شاهي خاندان جي عورت هئي ۽ آڪٽوين هڪ سردار جو پٽ هو. هن کي جذباتي ڪرڻ لاءِ قلوپطره ڪيس سيزر جي تصوير ۽ اهي خط ڏيکاريا، جيڪي هن قلوپطره کي لکيا هئا. پر آڪٽوين اهڙين ڳالهين کان متاثر ٿيڻ وارو نہ هو. قلوپطره پنهنجي ذاتي ملڪيت جي فهرست پيش ڪئي، ان موقعي تي قلوپطره جي ذاتي خادم سيليوڪس، آڪٽوين کي ٻڌايو تہ هن فهرست ۾ فلاڻا فلاڻا زيور موجود نہ هئا. جيڪي هن مختلف موقعن تي قلوپطره کي پاتل ڏٺا ها. اها ڳالهہ ٻڌي قلوپطره جي ڪاوڙ جو پارو چڙهي ويو ۽ اتي خادم کي ٿڦ وهائي ڪڍي، "اڄ اهو ڏينهن بہ ڏسڻو پيو تہ هڪ نمڪ حرام نوڪر منهنجي منهن تي مون کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ ٿو چاهي." هن رڙ ڪري آڪٽوين کي ٻڌايو تہ، "اهي زيور مان رڳو ان ڪري الڳ ڪري رکيا هئا تہ تنهنجي زال ۽ ڀيڻ کي تحفي ۾ ڏئي انهن کان توکي پارت ڪرائيندس."

آڪٽوين سندس ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. هن ملڪ کي جهلي ويهاريو ۽ ڪيس پڪ ڏياري تہ سندس مقصد هن جي ذاتي زيورن ۽ خزاني کي ڇيڙڻ جو هرگز نہ هو. هو تہ ان ڳالهہ تي خوش هو تہ قلوپطره جي دل مان خودڪشيءَ جو خيال نڪري ويو هو. حالانڪ قلوپطره چاڻي چڪي هئي تہ اهي ڪيس زنده روم وٺي وڃي ماڻهن جي اڳيان نمائش ڪري ڪيس ذليل ۽ خوار ڪرڻ چاهين ٿا. ٿي سگهي ٿو تہ هي ڌوڪيباز منهنجي ٻارن کي نہ ڇڏي. اهو خيال ڪري قلوپطره سندس اعتماد بحال ڪري رهي هئي ۽ ظاهري طور سندس حڪمن کي قبول ڪري رهي هئي.

شايد رومي فوج ۾ اينٽونيءَ جي همدردن قلوپطره کي آڪٽوين جي خيالن کان آگاهہ ڪري ڇڏيو هو ۽ اهو بہ تہ سيزارين کي قتل ڪرڻ جو فيصلو بہ ٿي چڪو هو. اهي ڳالهيون ٻڌي قلوپطره جون آخري اميدون بہ ختم ٿي ويون ۽ هن آپگهات ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. زنده رهي تہ هوءَ ڏاڍا ڏک ڏسي ها، پنهنجي ٻچن کي پنهنجي اکين اڳيان قتل ٿيندي ڏسي ها، خودڪشيءَ جو فيصلو ڪندي هن آڪٽوين کي اينٽونيءَ جي قبر تي وڃڻ ۽ آخري رسم ادا ڪرڻ جي اجازت گهري، جا آڪٽوين ڪيس ڏئي ڇڏي.

اهو 29 آگسٽ جو ڏينهن هو.قلوپطره پهرين اينٽونيءَ جي قبر تي


www.sindhsalamat.com

وئي ۽ ان جي قبر کي ڳرهاٽڙي پائي رئندي شڪوا شڪايتون ڪندي رهي ۽ واپس اچي غسل لاءِ پاڻي تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. جنهن ڪانپوءِ پوري اهتمام سان تڙ ڪري سينگار ڪيائين ۽ بهترين لباس پاتائين. خوشبو لڳائي پنهنجا زيور پاتائين. جنهن ڪانپوءِ هڪ مختصر چٺي آڪٽوين ڏانهن اماڻيائين تہ مون کي اينٽونيءَ جي پر ۾ دفن ڪيو وڃي.

خط جي ملڻ سان آڪٽوين جي دل کي لوڏو اچي ويو. هن هڪدم پنهنجن آفيسرن کي اينٽونيءَ جي قبر ڏانهن موڪليو. اهي جڏهن مٿين ماڙ جو دروازو ڀڃي اندر داخل ٿيا تہ انهن کي قلوپطره پوري هار سينگار سان ڇپر ڪٽ تي ستل نظر آئي. پر اها هن جي ابدي ننڊ هئي. سندس پرسان هن جون ٻہ ٻانهيون بہ ليٽيل هيون. جن ساڻس گڏ خودڪشي ڪئي هئي ۽ اهي آخري پساه کڻي رهيون هيون. رومي آفيسر اهو لقاءُ ڏسي صفا پنڊ پهڻ ٿي ويا تہ اهي آڪٽوين کي ڪهڙو جواب ڏيندا.

" توهانجي ملڪہ هي ڇا ڪيو؟" هنن مرندڙ ملازم عورت کان پڇيو.

"اهو ئي جيڪو بادشاه زاديءَ کي سونهين ٿو." نوڪرياڻيءَ پنهنجي آخري پساهن دوران هڏڪيون ڏيندي چيو ۽ ان وقت هوءَ بہ پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي ملي.

پهرين تہ آفيسرن، آڪٽوين کي اطلاع موڪليو. پر گڏوگڏ ڪنهن شيءِ کي بہ ڳولهيندا رهيا تہ آخر هنن خودڪشي ڪهڙيءَ شيءِ سان ڪئي هئي؟ قلوپطره جي ٻانهن تي بہ ننڍڙا سوراخ ٿيل هئا. جن مان هنن اندازو لڳايو تہ ڪيس افعي نانگ ڪکيو هو پر هڪ ئي وقت افعي نانگ ٽنهي عورتن کي ڪيئن ڪکيو هوندو؟ ان ننڍڙي سپ ۾ تہ ايتري زهر بہ نہ ٿيندي آهي! ۽ نہ ئي نوڪرياڻين جي بدن تي ڪو نشان موجود هو! ان جو مطلب تہ انهن ڪو خطرناڪ زهر وات جي وسيلي استعمال ڪيو هوندو. شايد انهن زهر کي ڪٽي لڪائي رکيو هجي! پر اهو نانگ اندر ڪيئن آيو؟! تحقيق ڪئي وئي تہ معلوم ٿيو تہ هڪ پوڙهو هاري، ملڪہ کي پيش ڪرڻ لاءِ انجيرن جي ٽوڪري کڻي آيو هو. ڪمري ۾ مٽيءَ جو هڪ ٻاسڻ بہ مليو هو. نانگ پڪ سان ان ٽوڪريءَ ۾ لڪائي کڻي اندر آندو ويو هوندو.

ٻئي ڏينهن بنا ڪنهن گوڙ گهمسان جي، بطليموس خاندان جي هن آخري حڪمرانڻ کي سندس مڙس اينٽونيءَ جي پر ۾ دفن ڪيو ويو. هن جي انتقال کي ٽيون ڏينهن ٿيو تہ سيزارين پنهنجي اتاليق رهوڊس جي پرڪائڻ تي برنيس کان اسڪندريہ پهتو ۽ آڪٽوين ان کي پنهنجي خوشقسمتي سمجهي، هڪدم هن بدنصيب نوجوان شهزادي کي قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ ائين مصر جي آخري ۽ ٽيهين شاهي خاندان


www.sindhsalamat.com

جو خاتمو ٿيو. ڇهن هزارن سالن تائين مصر هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ رهڻ ڪانپوءِ آخرڪار غلام بڻجي ويو ۽ هتي جي باشندن کي وري ڀيهر هن سرزمين تي حڪومت ڪرڻ جو موقعو نہ ملي سگهيو. بس سدائين غير ملڪي ئي مٿن حڪومت ڪندا رهيا.

۽ ائين اهو سپنو جيڪو قلوپطره سيزر کي ڏيکاريو هو ۽ ان ڪانپوءِ اينتونيءَ جي ذريعي ان کي ساڀيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ۽ جنهن کي آخرڪار ناڪام حسرتن جي روپ ۾ دل ۾ سانڍي دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي، پر مصر ۽ روم کي ملائي عالمي حڪومت جو منصوبو زنده رهيو. جنهن کي آڪٽوين اچي مڪمل ڪيو. هن قلوپطره جي خزاني سان گڏ مصر جي خزانن تي بہ قبضو ڪيو. هو جڏهن فتح ڪري روم واپس آيو تہ روم جا ماڻهو ڪيس بادشاهہ تسليم ڪري چڪا هئا. ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن سيزر جهڙي عظيم جرنيل بادشاهہ بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ انهن ئي ماڻهن کيس قتل ڪري ڇڏيو هو، جن تي هن جا بي شمار احسان ٿيل هئا. اهي ئي رومي هاڻي آڪٽوين کي شهنشاهيءَ ڏانهن وڌندي ڏسي چپ سبائي ويٺا هئا.

قلوپطره جي ٽيئي ٻار يعني قلوپطره سيلين، شهزادو بطليموس ۽ اليگزنڊر هيلوس ۽ اينتونيءَ جو فلويا جي پيٽ وارو پٽ انٽليس، آڪٽوين پنهنجي ڀيڻ آڪٽويا جي حوالي ڪري ڇڏيا، جنهن وڏي شفقت ۽ لاڏ پيار سان انهن جي پالنا ڪئي. خود آڪٽويا کي اينتونيءَ مان بہ پٽ هئا، انهن ڇهن ئي اولادن سان هن جو هڪ جهڙو سلوڪ هو. قلوپطرجي پٽن کي جيئرو رکڻ جو اهو بہ راز هو تہ ڪٿي مصر وار نہ ڪاوڙجي پون. قوپطره سيلين جي شادي شاهہ نو ميڊيا سان ٿي، جنهن کي بہ پٽ ٿيا، جن کي بطليموس جا نالا ڏنا ويا ۽ اهي ٻئي ڇٽا ظالم رومي بادشاهہ ڪيلي گولا جي هٿان ماريا ويا. ستم ظريفي اها تہ اهو شخص بہ اينتونيءَ جي نسل مان هو. تاريخ اليگزينڊر هيليوس ۽ بطليموس سورهين جي انجام جي باري ۾ چپ آهي، شايد انهن کي چپ چاپ ۾ ئي ماري ڇڏيو ويو هجي. البت انٽليس کي آڪٽوين جي ڌيءَ جوليا سان ناجائز دوستيءَ جي ڏوهہ ۾ قتل ڪرايو ويو ۽ خود جوليا کي جلاوطن ڪيو ويو. آڪٽوين شاهي تاج پاتو ۽ مرڻ گهڙيءَ تي پهچڻ وقت پنهنجي پٽ ٽائي بيريس کي ولي عهد مقرر ڪيو.

ڪيترو نہ عبرت جهڙو معاملو آهي جو سيزر ۽ اينتونيءَ جهڙا جرنيل بي وسيءَ جي حالت ۾ قتل ڪيا ويا ۽ آڪٽوين جهڙو ڪم ظرف ۽ مڪار شخص طبعي عمر پوري ڪري فوت ٿيو. ڳ


www.sindhsalamat.com